
پؤنرن جي انتظار ۾
منظور ڪوهيار

# پؤنرن جي انتظار ۾

مختصر مختصر ڪهاڻيون

## منظور ڪوهيار

ڪنول
پبليڪيشن
قنبر

ڊجيٽل ايڊيشن :

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**BOOK NO: (87)**


• ڀؤنرن جي انتظار ۾ — **BHAONRAN JAY INTIZAR MEIN**

(مختصرمختصر ڪهاڻيون) — (Short short stories)

• منظور ڪوهيار — **MANZOOR KOHYAR**

ڇاپو پهريون: مارچ 2012ع — FIRST EDITION 2012

ٽائيٽل ڊزائين: روحل ڪوهيار

ڪمپوزنگ: ڪنول گروپ


With All Rights Reserved


ڪنول پبليڪيشن قنبر — © **KANWAL** Publication Kamber

ملهه: **150 روپيا**

# انتساب

**خوددار ليکڪ دوستن**

**شوڪت ڪيھر ۽ ملڪ آگاڻي**

**جي نانءُ**

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (180) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب ”**پؤنرن جي انتظار ۾**“ ناميارِي ڪهاڻيڪار **منظور ڪوهيار** جي مختصر مختصر ڪهاڻين يا مائڪرو ڪهاڻين جو مجموعو آهي. هن ڪتاب ۾ منظور ڪوهيار صاحب مائڪرو يا مختصر ڪهاڻي بابت بہ تفصيل سان لکيو آهي.

هي ڪتاب ڪنول پبليڪيشن قنبر پاران 2012ع ۾ ڇپايو ويو. اسان منظور ڪوهيار ۽ سعيد سومري جا ٿورائتا آهيون. قرب انجنيئر عبد الوهاب سهتي صاحب جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿاهہ وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

## مهاڳ

# ذڪر مختصر مختصر ڪهاڻيءَ جو

مختصر مختصر ڪهاڻين جي حوالي سان 2009ع ۾ ڇپيل ڪهاڻين جي ڪتاب ’سچا ڪوڙا رشتا‘ ۾ پنهنجي لکيل مهاڳ بعنوان ’روايتي ۽ جديد ڪهاڻي‘ ۾ هڪ وصف ڏني هئي تہ:

’جئين اکيون روح ۽ جسم جون دريون آهن،
تئين مختصر مختصر ڪهاڻي بہ هڪ اهڙي دريءَ
مثل آهي، جنهن مان زندگيءَ کي اک ڇنڀ ۾ ڏسي
يا محسوس ڪري سگهجي ٿو.‘

۽ پوءِ ’ارنسيٽ هيمنگوي‘ جي ڇهن لفظن تي مشتمل ڪهاڻي مثال طور پيش ڪئي هئي:

**وڪري لاءِ**

وڪري لاءِ اڻ پاتل ٻار اٽا بوٽ

انهيءَ ڪهاڻيءَ کي عالمي نقادن خوبصورت احساساتي ڪهاڻي قرار ڏنو ۽ راءِ ڏني هئي تہ هڪ اهڙي ٻار جي ڪهاڻي آهي، جيڪو مائٽن جي ورتل ٻاراڻن بوٽن کي پائڻ کان اڳ

مري ويو يا غريب مائٽن ڪي غربت سبب ڪنهن معصوم ٻار جا اُهي اڻ ڀاتل بوٽ وڪڻڻا پيا. وغيره.

مون اُن مهاڳ ۾ فرانزڪافڪا جي مختصر مختصر ڪهاڻي ’اُن جو حصو‘ ۽ رابندر ناٿ ٽئگور جي ڪهاڻي ’بانسري وارو‘ جا حوالا ڏنا هيا پر مثال پيش نہ ڪيا هيا.

بس، اِها تنقيد هئي منهنجي دوست سهيل مڪاني ۽ ٻين جي، تہ مان جيڪڏهن انهن مختصر مختصر ڪهاڻين ڪي مثال طور پيش ڪري ۽ ڪين تاريخي تناظر ۾ پيش ڪيان ها تہ تشنگي نہ رهجي ها.

سچ پچ تہ مان ڪو محقق يا وڏو پڙهيل اديب ناهيان جو ڪنهن ادبي صنف تي ايڏي گهرائي و گيرائي سان لکي سگهان. مان تہ عام ليکڪ آهيان. جڏهن زندگيءَ جي گورک ڏنڌن مان واندڪائي نصيب ٿيندي آهي تہ ڪجھ لکي وٺندو آهيان. پر دوستن جي دل رکڻ لاءِ اتان شروع ڪجي ٿو، جتان تشنگي رهجي وئي هئي يعني ’فرانزڪافڪا‘ جي مختصر مختصر ڪهاڻيءَ ڪي پيش ڪندي:

**’اُن جو حصو‘**

هُو اُن لائق آهي، تہ گمنام پوڙهي عورت اُن
ڪي ڏني وڃي، جنهن جون رانون سُسيل هجن،

جيڪا هن جي مردانه جوهر کي ڪن پل ۾
ڪڍڻ تي مجبور ڪري. پوءِ پئسه وٺي پنهنجي
ڪيسي ۾ وجهي ۽ تڪڙ ۾ ٻي ڪمري ۾ هلي
وڃي، جتي ٻيو گراهڪ سندس انتظار ڪري.‘

هيءَ ڪهاڻي ٻن حصن تي مشتمل آهي. هڪ اهڙي نوجوان طرف اشارو آهي، جيڪو جنسي نفسياتي پيچيدگين Psychosexual Disorder جو شڪار آهي. ۽ ٻيو حصو ان پوڙهي تجربيڪار رنڊي Experienced sex worker بابت آهي، جيڪا اهڙن نفسياتي جنسي مريضن کي منهن ڏيڻ ڄاڻي ٿي، پر اصل ڳالهه آهي اُن رنڊي جي تجربي جي، جئين سنڌيءَ جو هڪ پهاڪو آهي ’پوڙهو اُٺ ٻه ڪنواٺ لهي.‘

تجربي جي حوالي سان اهڙي ڪهاڻي ايسپ جي آکاڻين ۾ به موجود آهي:

## پوڙهي زال ۽ شراب جو مٽ

هڪڙي پوڙهي زال، هڪڙو ٺلهو شراب جو مٽ زمين تي پيل ڏٺو. جنهن ۾ شراب جو هڪ ڦڙو به نه هو، پر لنگهندڙن کي منجهائنس شراب جي بوءِ پئي آئي. پوڙهي پنهنجو نڪ ويجهو آڻي، اُن کي سنگهڻ

لڳي ۽ چوڻ لڳي، ’اي مڙ ...! جڏهن تنهنجي بوءِ ايڏي خوشبودار آهي، تڏهن تو پاڻ ڪيڏو نہ سٺو هوندين!‘

مون هتي ايسپ جي آکاڻيءَ کي مثال طور تي ان ڪري پيش ڪيو، جو ارنيسٽ هيمنگويءَ ۽ فرانزڪافڪا جون مختصر مختصر ڪهاڻيون20 صديءَ عيسويءَ جون آهن. جڏهن تہ ايسپ جي آکاڻي جو دؤر 620 ق.م وارو دؤر لِيکيو وڃي ٿو. يعني اڄ کان 26 صديون اڳ. ايسپ جي آکاڻين جو تعداد اندازن 300 کن آهي. ڪي دوست ائين سمجهن ٿا تہ شايد مختصر مختصر ڪهاڻي جو بنياد 19 يا 20 صدي عيسويءَ ۾ پيو آهي. پر ان جو بنياد ڏند ڪٿائن، لوڪ آکاڻين، قصن، حڪايتن، ٿوٽڪن ۽ چوٽين تي رکيل آهي. هزارن سالن کان وٺي اهڙي قسم جو ادب انساني سمجهہ ۽ ڏاهپ کي وڌائڻ لاءِ، هڪ نسل کان ٻي نسل ڏانهن منتقل ٿيندو رهيو آهي. اهڙي قسم جو ادب لکت کان ڪيترا هزار سال اڳ ۾ آيو آهي. پر جيڪڏهن تاريخي تناظر ۾ ڏسبو، تہ پوءِ شروع اُتان ڪبو، جتان لکت ۾ مليو آهي.

# پؤنرن جي انتظار ۾ : منظور ڪوهيار

ايسپ جي آکاڻين کان گھڻو اڳ يعني اڄ کان ساڍا ٽي هزار سال اڳ اهڙي قسم جو ادب سوميرين وٽ بہ موجود هيو. مٽيءَ جي پڪل تختين تي هڪ اهڙي مختصر آکاڻي/ڪهاڻي بہ ملي آهي، جنهن ۾ ڏاهپ ۽ سمجھہ سمايل آهي:

## لومڙ ۽ ڪتا

لومڙ، پنهنجي زال کي چيو 'هل تہ اسان 'اُر'
شهر کي پنهنجن ڏندن سان چٻاڙيون، جئين
ٻوٽي کي چٻاڙبو آهي، 'ڪلاب' شهر کي پنهنجي
پيرن سان اهڙي طرح ٻڌئون، جئين جُوتي کي
تسمن (رسيءَ) سان ٻڌبو آهي.'
اُهي شهر کان اڃان ڪجھہ پرتي هيا تہ شهر
جي اندران ڪين ڪتن جي ڀونڪڻ جو آواز ٻڌڻ
۾ آيو. گدڙ پنهنجي زال کي چيو 'واپس هل، جو
ڪُتا شهر جي اندر خوفناڪ انداز ۾ ڀونڪن ٿا.'

اهڙي قسم جي آکاڻي/ ڳالهہ سنڌي لوڪ ادب ۾ بہ ملي ٿي. سنڌي ادبي بورڊ جي ڇپايل ڪتاب لوڪ ڪهاڻيون جلد 6 ۾ 'گدڙ ۽ ڪتا' جي عنوان سان موجود آهي، جنهن جون روايتون

لاڙ، وچولي، اتر ۽ ٿر مان مليل چاٽايل آهن. پر اها آکاٽي/ ڳالهه ٿوري ڦير گهير سان ته مان ننڍي لاءِ گهڻن هنڌن تي ٻڌي آهي، جيڪا مون کي ياد آهي. اُها اوهان آڏو پيش ڪجي ٿي:

’هڪ گدڙ کي ڪو پنو هٿ آيو. هن اُهو ڪٽي پٽي گهمايو ته ٻين گدڙن پڇيس، ته ’اِهو ڇا ٿو کنيو پيو گهمين؟‘

گدڙ وراڻيو، ’بادشاهه سلامت طرفان ڪيس پروانو مليل آهي، ته اڄ کان وٺي سندس بادشاهي ۾ ڪو به ڪتو سندس ڪڏهن نه پوندو.‘

اوچتو ڪتن جو ولر گدڙن آڏو اچي ويو، جيڪو رومڙ ڪندي سندن ڪڏهن پٺجي ويو. سڀئي گدڙ ڀڄڻ لڳا. ڀڄندي ٻين گدڙن پني واري گدڙ کان پڇيو، ’تون پروانو ڇو نه ٿو ڏيکارين .... تون ڇو ٿو اسان وانگر ڀڄين؟‘

پني واري گدڙ وراڻيو، ’ادا، پروانو ڪنهن کي ڏيکاريان ... اِها فوج ئي اڻ پڙهيلن جي آهي.‘

## پؤنرن جي انتظار ۾ : منظور ڪوهيار

انهن آڪاٽين، ڳالهين، ڪهاڻين انسانن سان گڏ وڏا سفر ڪيا آهن، خبر ناهي تہ اِها ڪهاڻي/آڪاٽي سوميري تهذيب (عراق) مان سنڌو تهذيب ڏانهن سفر ڪيو يا وري سنڌو تهذيب جي ڪجھہ سوداگرن سوميري تهذيب کي تحفي ۾ ڏني. ان جو دليل اهو آهي تہ جيڪي آڪاٽيون/ڪهاڻيون/ٽوٽڪا ايسپ جا سمجهيا ويندا هيا، سا خبر پئي تہ ايسپ کان بہ اڳ جا آهن. مثال 'ڪانءُ ۽ گُهگهي' واري آڪاٽي:

'هڪ اجايل ڪانءُ پري کان هڪڙيءَ پاڻيءَ جي گهگهي کي ڏسي خوش ٿيو ۽ تڪڙو گهگهيءَ وٽ آيو. پر ويجهو اچي ڏٺائين تہ پاڻي اُنهيءَ جي تري ۾ آهي. هن گهڻو ئي پاڻ جهڪايو. پر پاڻيءَ کي پهچي نہ سگهيو. تڏهن گهگهيءَ کي اونڌو ڪرڻ جو ارادو ڪيائين پر ايتري طاقت ڪانہ هيس. نيٺ سوچي، ويجهڙائي مان پٿريون چونڊي، هڪڙي هڪڙي پٿري منجهس وجهڻ لڳو. ۽ انهيءَ ڏاهپ سان پاڻي ڪنن تائين آڻي، پنهنجي اُڄ لاٿائين.'

## پؤنرن جي انتظار ۾ : منظور ڪوهيار

چند سال اڳ اها ڪهاڻي مصر جي قديم آثارن مان ملي پئي. جنهن جي قدامت ايسپ کان گهڻو اڳ جي هئي، آثار قديمہ ۽ علم انسانيت جي ماهرن ان ڪهاڻي/آکاڻي کي نج مصري ڪوٺيو.

پر هروڀرو ائين بہ ناهي تہ سڀ ايسپ جون آکاڻيون اڳ جون هيون. هو نهايت ذهين تخليقار هيو. آکاڻين/ڪهاڻين ناهڻ جو ماهر هو. ڪافي ڪهاڻيون هن جون پنهنجون تخليق آهن. مثلن؛ سندس هي سدا بهار آکاڻي مون کي ڏاڍي وڻندي آهي، جيڪا اڄ بہ ساڳي اهميت رکي ٿي ۽ عدالتي نظام تي هڪ وڏو طنز آهي:

## ابابيل جيڪا عدالت ۾ ويٺي هئي

هڪڙي مادي ابابيل ، ڪنهن عدالت جي عمارتي ڇڄهري تي پنهنجو آکيرو جوڙيون ويٺي هئي، سندس ٻچا ايترا تہ ننڍا هيا جو اڏامي نٿي سگهيا. تڏهن هڪڙو نانگ پنهنجي ٻر مان نڪري سڀني ٻچن کي ڪائي ويو. جڏهن ابابيل موٽي پنهنجي آکيري ۾ آئي، تڏهن آکيرو خالي ڏسي عجب نموني روئڻ لڳي.

تڏهن هڪ پاڙي واري آٽت ڏيندي چيس، تون
ڪا پهرين پکڙ ناهين، جنهن جا ٻچا ويا آهن،
جو ايترو روئين ٿي!؟‘
ابابيل جواب ڏنس:
’اِهو سچ آهي، پر مان رڳو ٻچن لاءِ ڪا نه
ٿي روئان، روئان ٿي اِنهيءَ ڪري ته جنهن هنڌ
تان سڀ ڪو ڏڪويل انصاف وٺڻ اچي
ٿو،اُنهيءَ هنڌ تي مون سان اهڙو انڌير ٿيو
آهي.‘

بس ان ڪهاڻي/آڪاڻي کي اڄوڪي حالتن سان ڀيٽايو ۽ پوءِ ڪلو يا روئو، اِها اوهان جي مرضي .....!؟

ايسپ جي مقبوليت جو عالم اِهو هيو، جو پوءِ جا آڪاڻي نويس يا ڪهاڻي نويس ايسپ جي نسبت سان سڏيا ويندا هيا. ’جان گي‘ کي انگلينڊ جو ايسپ، ’جين ڊي لافنٽين‘ کي فرانس جو ايسپ ، ’گاڊ هولڊ ايفريم ليسنگ‘ کي جرمني جو ايسپ سڏيو ويو. انهن سڀني جي آڪاڻين/ڪهاڻين کي جيڪڏهن مثال طور پيش ڪبو، ته پوءِ هي مهاڳ طوالت جو شڪار ٿي بذات خود هڪ ڪتاب ٿي ويندو.

پر ’وشنو شرمن‘ جو نالو نہ ڪٽڻ زيادتي ٿيندي، جنهن پنج تنتر نالي ڪتاب ۾ تمثيل واري انداز ۾ نصيحت آموز مختصر مختصر آکاڻيون لکيون. هي دؤر تقريبن ٽي صديون ق – م جو آهي. ۽ اهي آکاڻيون ايتريون تہ مقبول ٿيون جو فارسي ساساني شهنشاهہ (531-579) جي حڪم سان شاهي طبيب بروزيہ هن ڪي سنسڪرت مان پهلوي زبان (پراڻي فارسي) ۾ ترجمو ڪيو ۽ پوءِ 8 صدي عيسوي ۾ عبدالله ابن مقفع، هن ڪي ’ڪليلہ و دمنہ‘ جي نالي سان عربي ۾ ترجمو ڪيو. عربيءَ جي افسانوي ادب جي حوالي سان هي پهريون ڪتاب آهي. عبدالله ابن مقفع هن ڪتاب ۾ هڪ باب جو اضافو ڪيو يعني وڌيڪ آکاڻيون تخليق ڪيون. پوءِ خليفي ابن منصور کي تحفي طور اهو ڪتاب موڪليو. خليفي اهي آکاڻيون پڙهي پاڻ تي طنز محسوس ڪيو. 35 سالن جي نوجوان اديب ابن مقفع تي نئون قرآن لکڻ وارو الزام هڻائي، هٿ وڍرائي ڪيس ابرندڙ تيل جي ڪڙهائيءَ ۾ اڇلرايو. اهو ڪڌو ڪم بصره جي حاڪم عامل سفيان بن معاويہ جي هٿان ڪرايائين.

ڪليلہ و دمنہ آکاڻين يا ڪهاڻين جي حوالي سان ان ڪري بہ منفرد آهي، جو پهريون دفعو افسانوي ادب ۾ هڪ نئين ٽيڪنڪ متعارف ٿي يعني ڪهاڻيءَ ۾ ڪهاڻي Story in story

وارو اسلوب متعارف ٿيو. جنهن جي بنياد تي دنيا جو افسانوي ادب جي حوالي سان ’الف ليلة و ليلة‘ جهڙو شاهڪار افسانوي ادب تخليق ٿيو. جنهن جي باري ۾ ’موپاسان‘ چيو هيو تہ مون افسانوي ادب جي حوالي سان جيڪو ڪتاب بار بار پڙهيو آهي، سو ’الف ليلة و ليلة‘ آهي. سچ پچ تہ جڏهن مون کي بہ زندگيءَ جي ڪٺڙتالن مان واندڪائي نصيب ٿيندي آهي تہ مان اهو ڪتاب بار بار پڙهندو آهيان ۽ لطف اندوز ٿيندو آهيان. خير، ڳالھ هلي پئي ’ڪليلہ و دمنہ‘ جي، تنهن ڪري ان حوالي سان هڪ آکاڻي پيش ڪجي ٿي:

## هر آواز خطرناڪ نہ هوندو آهي

هڪ لومڙ هڪ جهنگل مان پئي گذريو. ان جهنگل جي هڪ وڻ جي ٽارين ۾ هڪ دهل ٻڌل هيو. جڏهن بہ هوا لڳندي هئي ۽ دهل لڏندو هو تہ وڻ جون ٽاريون ان سان لڳنديون هيون جنهن جي ڪري اُهو زور سان وڄندو هيو. لومڙ ان دهل جي وڄت ٻڌي دهل جي ويجهو ٿيو . ڏٺائين تہ هڪ ٿلهي متاري شئي آواز ڪري رهي آهي. هن سوچيو تہ ان ۾

گوشت ۽ چربي بہ جام هوندي. پوءِ ڪنهن اٽڪل سان ان تائين پهتو ۽ اُن کي رهنمائون ڏئي ڦاڙيائين تہ ڪيس اندران پورو نظر آيو ۽ منجهس ڪجھ بہ نہ هيو. ان تي لومڙ افسوس ڪندي چيو:

’مون کي اها خبر نہ هئي تہ وڏي ٻُت ۽ ٻري آواز واريون شيون اهڙيون ڪمزور ۽ بيڪار هونديون آهن.‘

پنچ تنتر جون آکاڻيون عام ڏاهپ جي حوالي سان لکيون ويون ۽ اسان جي لوڪ ادب ۾ گدڙ جي حوالي سان ڪافي ڪهاڻيون/آکاڻيون پنچ تنتر تان ورتل آهن. پر اُپنشد جون ڪهاڻيون ويدانتي نظريي جون پرچارڪ هيون. هي ڪهاڻيون نهايت پُرمغز، بامقصد ۽ بامعنيٰ هونديون هيون.

چيو وڃي ٿو تہ ’ويدانت جو سچو فلسفو ’اُپنشدن‘ ۾ آهي، اُپشندن جو مجموعي تعداد 108 آهي. ابتدائي دؤر جا لکيل اُپنشد مثلن بهدرنيڪ ۽ چاند وگيانتري وغيره آهن. جن ۾ اصولن ۽ عقيدن جي تشريح لاءِ ننڍڙيون ننڍڙيون ڪهاڻيون ڏنل آهن. جنهن ۾ ’هڪ وجود‘ جنهن کي برهم يا برهمڻ سڏيو وڃي ٿو جيڪو انسان جي اندر آهي، تنهن جي تلاش آهي،

جيڪو ازلي سچ آهي. جنهن کي جڏهن انسان ڳولي ٿو ته حقيقت سمجهي وڃي ٿو. پوءِ ڪيس هيءَ دنيا ڇڻ خواب جيان لڳي ٿي، جنهن ۾ ڪو پوءَ پولو ۽ ڳڻتي ناهي. هو هر شئي کان آزاد ٿي وڃي ٿو. اوهان کي ٻڌائيندو هلان ته ’اُپنشد‘ لفظ جي معنيٰ آهي ’تدريسي نشست‘ يا ’استاد جي قدمن ۾ ويهي علم سکڻ‘. اُپشند جي هڪ ڪهاڻي اوهان جي آڏو رکجي ٿي، پڙهو، سوچيو ۽ سمجهو:

## ستيه ڪام

جبالا جي پٽ ستيه ڪام پنهنجي ماءُ کي چيو : ’ڀڳوتي! مان برهم چاري بڻجي رهڻ چاهيان ٿو، مون کي ٻڌاءِ ته مان ڪهڙي مرد جو پٽ آهيان؟‘

اُن جواب ڏنو، ’اي پٽ! مون کي معلوم ڪونهي ته تون ڪهڙي مرد مان آهين. مان پنهنجي جوانيءَ ۾ ڪيترن ئي جڳهن تي نوڪرياڻيءَ جي حيثيت سان ڪم ڪيو، ته تون مون کي ملين. مون کي خبر ناهي ته تون ڪهڙي مرد مان آهين. منهنجو نالو جبالا آهي

۾ تنهنجو نالو ستيہ ڪام. سو پنهنجو پاڻ کي جبالا جو پٽ، ستيہ ڪام ئي سڏاءِ.‘

پوءِ هو ’دُرومت‘ جي پٽ گوتم وٽ ويو ۽ کيس چيائين، ’آءٌ برهمچاري طور تي رهڻ چاهيان ٿو، ڇا تون مون کي پنهنجو چيلو بڻائيندين؟‘

گوتم پڇيو ’اي عزيز! تون ڪهڙي خاندان مان آهين؟‘

ان جواب ڏنو تہ ’مون کي معلوم ناهي تہ مان ڪهڙي خاندان مان آهيان، ها، مون پنهنجي ماءُ کان پڇيو هيو تہ ڪهڙي خاندان مان آهيان؟ ان جواب ڏنو هيو تہ هوءَ پنهنجي جواني ۾ گهڻن جڳهن تي نوڪرياڻيءَ جي حيثيت سان ڪم ڪندي رهي هئي. سو کيس پتو ناهي تہ هو ڪهڙي خاندان منجهان آهي. بس ان ڪري مون کي صرف اِها ڄاڻ آهي تہ مان جبالا جو پٽ، ستيہ ڪام آهيان.‘

اُهو ٻڌي گوتم وراڻيو، ’برهمڻ کان سواءِ ڪوئي ائين نٿو چئي سگهي. بيشڪ! تو

سچائيءَ ڪي نروار ڪيو.‘ اِهو چئي هن ستيہ
ڪام ڪي چيلو بڻايو.

ڪهاڻيءَ جو صاف مطلب آهي، تہ سچائي جي وڏي اهميت آهي ۽ اُن زماني ۾ ’برهمڻ‘ جو مطلب ئي اِهو هيو، جيڪو سچائي ۽ حقيقت ڪي هر حالت ۾ نروار ڪري ۽ اهڙي قسم جي وديا/علم سکي ۽ سيکاري. اڳتي هلي اُهو برهمڻ جيڪو سچائي ۽ حقيقت جي تلاش ۾ هوندو هيو، اُن ذات پات رنگ نسل ۽ جنس جي بنياد تي ’منو دهرم شاستر‘ لکي برصغير جي سلجهيل سماج کي الجهائي ڇڏيو.

’منو دهرم شاستر‘ تي وري ڪنهن ٻي دفعي ڳالهائبو. ان ڪري ڇڏيون ٿا ان ڳالهہ ڪي، وٺون ٿا، مختصر مختصر ڪهاڻيءَ ڪي.

مختصر مختصر آکاڻي/حڪايت/ڪهاڻيءَ ڪي صوفي بزرگن، پنهنجي مت جي پرچار لاءِ خوب ۽ ڪاميابيءَ سان استعمال ڪيو. منهنجي صوفي ڪهاڻين جو ڪتاب **’فراق جي منزل‘** جڏهن شايع ٿيو تہ ڪيترن دوستن ڪي وڏي تڪليف پهتي. اُنهن ڏاڍا تبرا ڪيا. پر ڪنهن بہ دليل ۽ حوالي سان نہ ڳالهايو. جيتوڻيڪ مون گهڻي حد تائين صوفي ڪهاڻيءَ جي حوالي سان مهاڳ ’تصوف جا رخ ۽ صوفي ڪهاڻي‘ ۾ حوالن ۽

دليلن سان لکيو هيو. پر مهرباني، سائين امر جليل جي، جنهن مون تان اِها ملامت لاهي، پنهنجي ڳچيءَ ۾ وڏي ۾ هڪ ملامتي صوفيءَ وارو ڪردار ادا ڪيو. پنهنجي ڪتاب ’آتم ڪٿا‘ (پاڳو پهريون) 2011ع ۾ صفحي نمبر 122 تي لکي ٿو:

> ’صوفي ڪهاڻيون ۽ ڪالم لکڻ ڪري پهريون دفعو (2000ع) ۾ جڏهن شاهہ عبداللطيف ايوارڊ مليو هو، تڏهن بہ ملڪ ۾ مارشل لا هئي. ٻئي دفعي 2007ع ۾ جڏهن ٽن ٻولين انگريزيءَ، سنڌي ۽ اردو ۾ صوفي مت جو پرچار ڪرڻ سبب شاهہ لطيف ايڪسيلنس ايوارڊ ڏنو هئائون، تڏهن بہ مارشل لا جو بدترين دؤر هو.‘

مٿئين حوالي کان پوءِ، دليل وري اِهو آهي تہ جئين ’صوفياڻي ڪلام‘ وارو اصطلاح استعمال ٿيندو آهي، تئين صوفي ڪهاڻي بہ هڪ ادبي اصطلاح آهي، ان کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ناهي. ائين اصطلاحن ۽ ادبي لفظن جي ڳالهہ ڪجي تہ ڪيترائي لفظ معنيٰ ۽ مطلب جي حوالي سان ساڳيا هوندا آهن پر وصف جي حوالي سان اُنهن ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ فرق ضرور هوندو آهي. مثال اچون ٿا، لفظ افسانو، ڪهاڻي، ڪٿا،

وياکياڻ، قصہ، ڳالهہ ، آکاڻي، داستان، حڪايت وغيره تي تہ خبر پوندي تہ معنيٰ جي لحاظ کان مطلب مڙيوئي ساڳيو آهي.

**افسانو:** افسانہ (ف – اُفسانہ) ڪهاڻي، عجيب و غريب قصو، ڪوڙي ڳالهہ، نقل، داستان، بيان (سورن جو)

**ڪهاڻي:** (سن: ڪٿنڪا) پرا. ڪهاڻئا= آکاڻي.

سن. ڪٿ= ڪٿا، هڪ وڏو من گهڙت قصو. حڪايت، ڳالهہ، آکاڻي، ذڪِر- رجوعات، قصو. ڪٿا، وارتا، داستان، پٽاڙ، بيان، افسانو، تذڪرو، ڪَهت، ڪهاتَ، چوٽي، پهاڪو، مثال.

**ڪٿا:** (سن. ڪٿا= ڳالهہ) ڳالهہ بيان. آکاڻي. وارتا. ڪهاڻي، افسانو، داستان، مذهبي ڳالهين تي واعظ، خطاب، تقرير، ليڪچر، وياکياڻ، نصيحت.

**وياکياڻ:** سن، وياکياڻ= سمجهائڻ، تقرير ، گفتگو، تات، ليڪچر، واعظ.

**قصہ:** (عربي قصہ) قص= هُن بيان ڪيو، ڪهاڻي، ڳالهہ، افسانو، حڪايت، وارتا، ذڪر، جهڳڙو، لڙائي.

**ڳالهہ:** (سن. گاٿا= ڳالهہ- ع قال= چوڻ. ) آکاڻي، ڪهاڻي، ڪٿا، قصو، گفتگو، داستان، ڪوڙ سچ.

**آکاڻي:** (پرا: آکاڻيہ. س. اکيانيم، اکيانڪا. آکيا= چوڻ)

## پؤنرن جي انتظار ۾ : منظور ڪوهيار

**داستان:** (ف) آکاڻي، قصو، ڪهاڻي، ڳالهہ، ڪٿا، وارتا، بيان، حڪايت، نظير.

**حڪايت:** (ع. حڪيٰ = هن ڳالهہ ٻڌائي) آکاڻي. ڳالهہ، قصو، داستان، ڪهاڻي، بيان، خبر، احوال، روايت.

**روايت:** (ع) ڪنهن جي ڳالهہ زباني نقل ڪرڻ. سرگذشت.

مون تہ صرف فيروزاللغات ۽ سنڌي لغات (سنڌي ادبي بورڊ) کي سامهون رکي ڪري لکيو آهي، پر انهن لفظن کي باقاعده ادبي اصطلاحن جي حوالي سان ڪا وصف ملڻ گهرجي تہ جئين ادب جا شاگرد مونجهاري جو شڪار نہ ٿين ۽ اهو ڪم آهي، علمي ۽ ادبي ادارن جو.

بهرحال ڳالهہ پئي هلي صوفي ڪهاڻيءَ جي، منهنجي هڪ صوفي ڪهاڻي ’مارڳ محبوبن جو‘ تي هڪ صوفيءَ کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي هئي. اُن مون کي هڪ گارين جو خط بہ لکيو هيو تہ مان ان ڪهاڻيءَ ۾ صوفين کي چوري باز سڏيو آهي ۽ ساڳي قسم جي تنقيد سنڌي ادبي سنگت شاخ گلشن حديد جي گڏجاڻيءَ ۾ ڪنهن زبرزنگ اديب بہ ڪئي هئي. پر هاڻي ڇا ڪجي جو شيخ سعدي جهڙو عظيم صوفي، نثرنگار ۽ شاعر بہ نام نهاد صوفين کي اگهاڙو ڪري تہ پوءِ اهڙي قسم جي ادب کي بي ادبي تہ نہ چئبو، پر اهڙو ادب خودتنقيدي ادب جو اتم حصو

سڏبو. سندس ڪتاب ’بوستان‘ مان هڪ اهڙي قسم جي مختصر مختصر ڪهاڻي پيش ڪجي ٿي:

## عشق جي گپ ۾ ترڪي پيل صوفيءَ جو قصو

هڪڙي صوفي فقير جي نظر ڪنهن سهڻي ڇوڪري تي پئجي وئي. پوءِ ته ان جي عشق ۾ اڙجي ويو. هوش وڃائي بيهوش ٿي پيو. جسم تي پگهر ائين نڪري نروار ٿي پيس، جئين وڻن جي پنن تي ماڪ جا ڦڙا. اتفاق سان ان وقت جو مشهور حڪيم سواريءَ تي چڙهيل اتان اچي لنگهيو.

ڪنهن ماڻهو ٻڌايس، ’هي پرهيزگار فقير آهي. گناهه جي گندگي کان پري پڳل آهي، رات ڏينهن جنهگلن ، جبلن ۾ پيو ڦرندو آهي، ماڻهن سان ته ملندو ئي ڪونهي. پر اڄ هن جي نظر لسي ۽ سهڻي ڇوڪري تي پئجي وئي ۽ دل ڦرائي ويٺو آهي، يعني عشق جي گپ ۾ ترڪي پيو آهي.‘

فقير کي جڏهن ڪجهه هوش آيو ۽ ماڻهن جي ملامت جو چوٻول ڪنين پيس، تڏهن

روئي ڏنائين. ماڻهن ڪي چيائين ’مون تي ڪيتري ملامت ڪندوَ ....؟ هاڻي ڪٽي مات ڪيو. آءٌ جيڪڏهن روئان ٿو ته اُهو به بنا عذر جي ناهي، منهنجو هيءُ حال بنا سبب جي ڪونهي.

ان ڇوڪري جي سهڻي صورت منهنجي دل ڦُري نٿي سگهي، پر مون ته ان سهڻي جي پيدا ڪندڙ خالق ڏي پئي ڏٺو. جنهن اهڙي سهڻي صورت بڻائي آهي.‘

اتي هڪڙو تجربيڪار ۽ پڪي عمر جو ماڻهو به ويٺو هو. ان عاشق صوفيءَ جون ڳالهيون ٻڌي چيو، ’فقير! گهڻيون ڳالهيون ڪندين، تنهنجي پرهيزگاري ۽ نيڪيءَ جي جهان ۾ هاڪ آهي پر هن واقعي ڪان پوءِ تون پنهنجي شرافت ثابت نه ڪري سگهندين. ڇو ته ان خالق ڪاريگر رڳو سهڻا ڇوڪرا ڪونه خلقيا آهن، جو تو جهڙا فقير اُنهن ڪي ڏسي دل ڦرائيندا وتن.. رب سائينءَ جي ڪاريگري نئين چاول ٻار ۾ به آهي. خالق جي ڪاريگري ڏسڻي اٿئي ته اُٺ ڪي

ڏس، تہ خالق ڪئين خلقيو اٿس. يا هروڀرو ’چين چگل (ترڪستان جو هڪ شهر، جتان جو حسن مشهور آهي) جا سهڻا ڇوڪرا ڏسي رب جي ڪاريگري تي حيران ٿيئہ. باقي تنهنجي اِها چاٽي بازي واري ترڪيب نہ هلندي.‘

سو اسان جي بہ صرف اُنهن صوفين تي تنقيد هئي، جيڪي جنسي گپ ۾ ترڪي پيا هيا. حقيقت اها آهي تہ صوفين جيترو پاڻ تي تنقيد ڪئي آهي، شايد ڪنهن ٻي طبقي ڪئي هجي. جيڪڏهن ان حوالي سان سندن تخليق ڪيل ادب پيش ڪجي تہ هڪ زخيم ڪتاب جُڙي وڃي. هڪ اهڙي حڪايت شيخ فريد الدين عطار پنهنجي ڪتاب ’منطق الطير‘ ۾ بہ ڪئي آهي:

## شيخ ابوبڪر نيشاپوري جي ڳالھ

هڪڙي دفعي شيخ ابو بڪر نيشاپوري پنهنجي مريدن سان گڏ، هڪڙي گڏھ تي سوار، ڪنهن رستي تي وڃي رهيو هيو تہ اوچتو سندس گڏھ ٽٽ ڏنو. شيخ ان سبب حال ۾ اچي نعرا هڻڻ ۽ ڪپڙا ڦاڙڻ لڳو. مريدن کي اِها ڳالھ پسند

نہ آئي. اُنهن مان هڪڙي پڇيس: ’آخر ڪهڙي سبب، اوهان ان حال ۾ اچي ويا؟‘

جواب ڏنائين، ’مان مريدن جي وڏي مجموعي کي ڏسي خيال ڪيو تہ مان با يزيد بسطامي (هڪ عظيم صوفي) کان گهٽ ناهيان ۽ سڀاڻي قيامت جي ڏينهن بہ اِنهيءَ عزت ۽ ناز سان محشر جي ميدان ۾ ويندس. جڏهن هي خيال ڪيم تہ اتفاق سان گڏهہ ٽٽ ڏنو. ائين ڪرڻ سان گويا هن مون کي جواب ڏنو تہ جو بہ شخص اهڙي لباڙ هڻي ٿو،سا گڏهہ جي ٽٽ مثال آهي. ان سچ ڪري منهنجو اندر تڙپي اُٿيو ۽ مان حال ۾ اچي ويس.‘

پنهنجو پاڻ تي پاڻ تنقيد ڪرڻ وڏي جرئت آهي. شيخ سعدي پاڻ شاعر هيو پوءِ بہ هن شاعرن تي تنقيد ڪئي.

گلستان مان هڪ شاعر جي حالتِ زار جو قصو ملاحظہ ٿئي. جيڪو اسان جي اڄ جي درباري شاعرن جهڙو آهي.

## شاعر ۽ ڌاڙيل

هڪڙو هو شاعر، جيڪو ڌاڙيلن جي سردار وٽ وڃي پهتو. ان جي تعريف ۾ ڪجهہ شعر

پڙهيائين. پر ڏاڙيل ڪنهن ٻي خيال ۾ هو، تنهن ٻين ڏاڙيلن کي حڪم ڏنو تہ هن شاعر جا ڪپڙا لهرائي، ننگو ڪري ٻاهر ڪڍوس. شاعر ويچارو اگهاڙو ٻاهر نڪتو تہ سياري جي موسم هئي، پارو جائو پيو هو. هيءُ ٺڙڪندو جئين ئي اڳتي هليو، تئين ڪتن جي لوڏ مٿس حملو ڪيو. شاعر ويچارو نوڙي پٿر ڪڍڻ لڳو تہ جئين ڪتن کي هٽي، پر پٿر پٽجي نہ سگهيو. چوڻ لڳو: هي ڪهڙا ڪميڻا ماڻهو آهن، جو ڪتن کي ڇوڙي ڇڏيو اٿن ۽ پٿرن کي ٻڌي ڇڏيو اٿن.‘

ڏاڙيلن جي سردار ڪٿان شاعر جو اِهو حال ڏٺو پئي، هن جا چيل اکر ٻڌي ڪلي ڏنائين ۽ اتان سڏ ڪري چيائينس، ’اي سياڻا! هيڏانهن موٽي اچ. جيڪو گهرڻو هجئي، اُهو گهر!‘ شاعر چيو، ’مون کي رڳو منهنجا ڪپڙا ڏيو. مون لاءِ اِهو انعام ئي ڪافي آهي. پيو توهان جو ڪجھ نہ گهرجي، آءٌ ڪنهن چڱائي جي اميد رکي آيو هوس، چڱائي نٿا ڪريو، برائي تہ نہ ڪريو.‘

اِهو ٻڌي ڏاڙيلن جي سردار کي رحم اچي ويو. حڪم ڪيائين تہ هن کي ڪپڙا واپس ڪريو. پر وڏيڪ وڳو بہ ڏيوس. پوءِ ٻيا انعام و اڪرام ڏئي واپس ڪيائونس.

ڳالهہ هلي هئي پاڻ تي خود تنقيد واري ادب جي تہ مون کي خليل جبران ياد اچي ويو. جنهن جا اِهي لکيل جملا ڏاڍي گهرائي ۽ گيرائي رکندڙ آهن:

”جڏهن اوهان آڱر جي اشاري سان ڪنهن جي گريبان طرف اشارو ڪيو ٿا، تہ اُنهن ٽن آڱرين کي بہ ڏسو، جيڪو توهان جي گريبان طرف اشارا ڪن ٿيون.“

خليل جبران بہ مختصر مختصر ڪهاڻيءَ جي حوالي سان مقبول اديب هيو، 1960ع جي ڏهاڪي ۾ تہ سندس بهترين وڪرو ٿيندڙڪتاب ليکيا ويندا هيا. سندس مثاليت سان ڀرپور ڪهاڻيون، ڪنهن اهڙي تخلياتي دنيا ۾ گهلي ويندڀون هيون جتي سچائي ۽ معصوميت جي موجود هوندي هئي. ان بہ ڪيترين ئي مختصر مختصر ڪهاڻيون لکيون ۽ سندس ڪهاڻين جو تمثيلي انداز ايڏو تہ خوبصورت ۽ دلپذير

آهي، جو پڙهندڙ اُن جي سحر ۾ گرفتار ٿي وڃي ٿو. سندس تمثيلي انداز ۾ لکيل هي ڪهاڻي پڙهو ۽ غور ڪيو:

## ڪورو ڪاغذ

ڪاغذ جي هڪ سفيد ورق چيو، ’آءٌ بي داغ بڻايو ويو آهيان ۽ هميشہ بي داغ رهندس، مان سڙي خاڪ ۾ تبديل ٿيڻ زياده پسند ڪندس، بجاءِ ان جي تہ ڪا مس مون کي ڇُهي ۽ داغدار ڪري.‘

جو ڪجهہ سفيد ورق چيو، مس اُهو ٻڌي ورتو ۽ پنهنجي اندر کلي ويئي. ليڪن اُن جي قريب وڃڻ جي همت نہ ڪئي.

رنگبرنگي پينسلن بہ ٻڌو، اهي بہ اُن جي نزديڪ نہ ويون ۽ ڪاغذ جو سفيد ورق اهڙيءَ طرح بي داغ رهيو، بي داغ ۽ صاف ـ ليڪن ڪورو ـ‘

هڪ دفعي مان ڪليات خليل جبران جو اردو ترجمو پئي پڙهيو ـ منهنجي اِها عادت آهي، تہ مان سٺن ڪتابن کي بار

بار پڙهندو آهيان، ائين جيئن ڪنهن سٺي دوست سان بار بار ملاقات ڪجي ۽ حظ حاصل ڪجي.

منهنجي پرسان، منهنجو پاڻيٽيو ’وينجهار‘ ويٺو هيو، اُن چيو ’اَبُو، جيڪو تون پڙهين ٿو، اِهو مون کي پڙهي ٻڌاءِ!‘

مون مشڪي ڪيس اِها ڪهاڻي ٻڌائي. ’وينجهار‘ ٻُڌي چيو، ’پوءِ تہ اِهو ڪاغذ ڦاٽي پوندو.‘

’ڇو؟‘ مون پڇيو.

’جڏهن اُن تي نہ لکبو، تہ بيڪار ٿي ويندو.‘

مون کي اِهو تبصرو ايڏو وڻيو ۽ مون سوچيو تہ واقعي مابعد جديديت جو اِهو نظريو صحيح آهي، تہ جتي ليکڪ جي تخليق ختم ٿئي ٿي، اُتان پڙهندڙ جي تخليق شروع ٿئي ٿي ۽ هن ’وينجهار‘ تہ تمثيلي ڪهاڻيءَ جي تهہ تائين پهچي ڪمال ڪري ڏيکاريو. تڏهن تہ چيو ويندو آهي تہ ٻار ماڻهوءَ جو پيءُ آهي. Child is father of men.

ڪجهہ وڏن پڙهيل اديبن جو خيال آهي تہ تمثيلي ڪهاڻيءَ جي ضرورت صرف جبر واري دؤر ۾ هوندي آهي ۽ هاڻي تمثيلي انداز ۾ لکڻ بي سود آهي پر مان عام ليکڪ جي حيثيت سان چوان ٿو تہ تمثيل ۾ ڏاڍي خوبصورتي ۽ خيالن جي گهرائي هوندي آهي. هڪ سٺو پڙهندڙ ان تي ائين سوچي

نتيجو ڪڍي سگهي ٿو جئين منهنجي پنجن سالن جي پائٹي ’وينجهار‘ ڪڍيو.

لطيف سائين جي شاعري ۾ به تمثيل جو شاهڪار آهي. ڇو ته تمثيل ۾ معنائن، مطلبن، مقصدن جا درياهه وهن ٿا. لطيف سائين جي هيٺين شعر کي لطيف جا پارکو ان ڪري پنهنجي مرتب ٿيل شاهه جي رسالي مان خارج ڪن ٿا، جو شاهه سائينءَ رنديءَ جي تمثيل ڏني آهي.

لنديون لک لهن،جي ڏين ڏيهاڙي ڏيهه
ڪي،
ستيون ڪوهه ڪجن، جي سانڍي رکن
سيل ڪي.

ٻاهه هلي هئي خليل جبران جي تمثيلي ڪهاڻيءَ تان، ته پوءِ ڇو نه ڪجهه ٻين تمثيلي مختصر ڪهاڻين جو به ذڪر ٿي وڃي. دراصل عربي ۾ تمثيلي ادب به پراڻي دؤر کان هلندڙ هيو. عربي ادب مان ورتل 14 سئو سال اڳ جي هڪ ڪهاڻي/آکاڻي هتي پيش ڪجي ٿي:

## ڏيڏر ۽ وڇون

هڪ وڇون ۽ ڏيڏر هڪ ڏينهن
نيل نديءَ جي ڪناري تي مليا. ٻنهي ڇڙن

درِيا جي ٻي پار وڃڻ پئي گهريو. ڏيڏر ڪي تہ ڪنهن ٻيڙيءَ جي سهاري جي ضرورت نہ هئي البت وڇونءَ کي ٻيڙي ۾ لڪي ويهي وڃڻو هيو. ڏيڏر، وڇون کي چيو تہ هو وڇونءَ کي پٺيءَ تي کڻي ٻي پار وٺي وڃي سگهي ٿو،ان شرط سان تہ وڇون ڪيس ڏنگ نہ هڻي. وڇون واعدو ڪيو، تہ هو ائين نہ ڪندو. ڏيڏر، وڇونءَ کي پٺيءَ تي چاڙهي نيل نديءَ جي ٻي ڪناري تي پهتو. وڇونءَ سندس پٺيءَ تان لهڻ کان اڳ ڏيڏر کي ڏنگ هڻي ڪڍيو.ڏيڏر تڙپڻ لڳو. تڙپندي وڇونءَ کي چيائين: ”تو واعدي خلافي ڇو ڪئي؟“

وڇونءَ جواب ڏنو، ’اسان ٻئي عرب آهيون .... يا ناهيون ...؟ ٻڌاءِ ...!؟“

اِها لوڪ ڪهاڻي پنهنجي دؤر جي عربن جي سماجي نفسياتي ڪيفيتن جي عڪاس آهي. ڪي تمثيلي ڪهاڻيون

ڏاڍيون پر مغز ۽ پر خيال هونديون آهن، جئين انجيل ۾ حضرت عيسيٰ جي حوالي سان هڪ ڪهاڻي تمثيلي انداز ۾ بيان ٿيل آهي.

**ٻج ۽ ٻني**

”ڏسو، هڪ ٻج ڇٽڻ وارو، ٻج ڇٽي نڪتو. ڇٽڻ وقت ڪجهه ٻج رستي جي پاسن تي ڪريا ۽ پکين اچي، اُنهن کي چڳي ڇڏيو. ڪجهه پٿريلي زمين تي ڪريا، جتي اُنهن کي وڌيڪ مٽي نه ملي ۽ گهرائي واري مٽي نه ملڻ سبب جلدي ڦٽي پيا ۽ جڏهن سج نڪتو ته سڙي ويا. ڪجهه ڊڀن ۾ ڪريا، ڊڀ وڌيا ته اُهي دٻجي ويا، ڪجهه سٺي زمين تي ڪريا ۽ ڦريا. پوءِ انهن مان ڪي سئوڻ ۽ ڪي ٽيهوڻ ٿيا ... جنهن جا ڪن هجن، اُهي ٻڌي وٺن.“

تمثيلي ڪهاڻيون نه صرف وچ اوڀر ۾ هلندڙ هيون پر برصغير ۾ به تمثيلي ڪهاڻيون سمجهاڻي ڏيڻ لاءِ هڪ بهترين ذريعو هيون. ان حوالي سان مان اڳ ئي پنج تنتر جو ذڪر ڪري چڪو آهيان، پر نوبل انعام يافته اديب رابندر ناٿ ٽئگور جون به مختصر تمثيلي ۽ علامتي ڪهاڻيون به

نزاڪت جو اعليٰ نمونو آهن. هڪ ڪهاڻي هتي حاضر خدمت آهي:

## بانسري وارو

”سج لهي چڪو آهي ... پاڇو زمين تي لهي آيو آهي ... اِهوئي وقت آهي تہ مان پنهنجي صراحي ڀرڻ لاءِ جهرڻي تي وڃان ... شام جي هوا، وهندڙ پاڻيءَ جي غمگين راڳ تي مست آهي ۽ مون کي اونداهي سڏي رهي آهي.

ان سنسان رستي تي ڪوئي هلڻ وارو ناهي ... هوا تند ۽ تيز آهي ...درياهہ ۾ لهرون پاڳل ٿي ويون آهن. اِهو بہ معلوم ناهي تہ گهر واپس بہ اچي سگهان يا نہ .... ڪهڙي خبر ڪير رستي ۾ ملي وڃي ... اُتي هڪ سونهري ڪشتي ۾ ويٺل هڪ شخص، جنهن کي مان سڃاڻان بہ نہ ٿي، بانسري وڄائي رهيو آهي.“

مذڪوره ڪهاڻي مختصر هئڻ جي باوجود بہ ڪيڏي نہ خوبصورت آهي. اوهان غور ڪندءَ تہ اوهان کي هڪ اهڙي عورت جو ڪردار ملي ٿو، جيڪو راڌا يا ميرا سان مشابهہ آهي. جيڪي

# پؤنرن جي انتظار ۾ : منظور ڪوهيار

سماج جي رسمن ۽ رواجن جي تيز و تند هوائن مان گذرندي، وقت جي درياهہ جي دم ٽڙڪن جي باوجود  پنهنجي من جي صراحي کي ڀرڻ چاهي ٿي. سامهون ڪيس اميدن جي ڪشتي ۾ سندس رهبر ڪرشن وينل نظر اچي ٿو.

مختصر مختصر ڪهاڻيءَ جي حوالي سان چيني ادب تي بہ سرسري نظر وجهجي تہ بهتر ٿيندو.

مختصر مختصر ڪهاڻين جو دؤر اُستاد ڪنفيوشس کان ٿورو اڳ جو آهي ۽ ڪنفيوشس (551 ق.م - 479 ق.م) جي دؤر ۾ ماڻهوءَ کي ماٺيپي ڏيڻ لاءِ ايڏيون تہ مختصر مختصر ڪهاڻيون سرجيون ويون. جو سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ ان وقت جي چيني سماج ۾ عدل وانصاف، رحمدلي، سخاوت ۽ سچائيءَ لاءِ ڪيڏي نہ تڙپ هئي. ڏوکي، ڪوڙ، منافقت، ڊاڙ ۽ لٻاڙ لاءِ ڪيڏي نہ نفرت هئي. ۽ اِهو دؤر چين جي ڏاهپ جي حوالي سان سماجي تبديليءَ جو دؤر هيو. زندگيءَ ۽ سماج کي سمجهڻ لاءِ چيني ادب هر حوالي سان دنيا جو امير ترين ادب آهي. هڪ ڪهاڻي اُن دؤر جي ٿي وڃي:

## پوتار شن ۽ ڊريگون

”شن زهيولانگ“ نالي هڪ شخص ’چائو‘ شهر ۾ رهندو هيو. اُهو پاڻ کي پوتار سڏرائيندو هيو. هن کي ڊريگون جون تصويرون وڻنديون هيون. ان ڪري هن پنهنجي محل جي ديوارن، ٿنڀن، دروازن ۽ درين تي ڊريگون جون تصويرون نهرائي ۽ اُڪرائي ڇڏيون هيون. نتيجي ۾ ڊريگون سان هن جي محبت مشهور ٿي وئي. اها ڳالهه جڏهن آسمان تي رهندڙ ڊريگون ٻڌي ته هو ڏاڍو خوش ٿيو. هن فيصلو ڪيو ته پوتار شن زهيو لانگ سان ملي، سندس ايڏي محبت ڪرڻ جو شڪريو ادا ڪري.

پر جئين ئي ڊريگون سندس شڪريو ادا ڪرڻ لاءِ سندس محل ۾ لٿو ۽ سامهون ٿيو ته پوتار وٺي ڀڳو. اُنهيءَ ڪان پوءِ ماڻهن کي خبر پئي ته پوتار ’شن‘ کي صرف ڊريگون جون تصويرون وڻنديون آهن، نه ڪي حقيقي ڊريگون.

ڳالهہ هلي چيني مختصر مختصر ڪهاڻيءَ تان تہ چين ۾ اڄ بہ مختصر مختصر ڪهاڻيون مقبول آهن ۽ اهو سلسلو مسلسل هلندڙ آهي پر يورپي ۽ آمريڪي ادب جي نقادن/محققن ۾ بہ اهو پراڻو مرض آهي تہ اُهي هر شئي پاڻ ڏانهن منسوب ڪندا آهن. ڪڏهن دعويٰ ڪندا آهن تہ جديد مختصر مختصر ڪهاڻيءَ جو بنياد 1920ع ۾ رکيو ويو تہ ڪڏهن دعويٰ ڪندا آهن تہ ان قسم جي ادب جو بنياد ايسپ جي آکاڻين تان پيو. پر مون ڪٿي بہ ناهي ڏٺو تہ ڪنهن چيني اديب جو نالو بہ کڻن. شايد ان ڪري جو اُهو ڪميونسٽن جو ادب آهي ۽ سندن خيال ۾ ڪميونسٽ انساني معاشري مان خارج آهن.

20 صدي جي مختصر مختصر ڪهاڻي لکندڙ هڪ مشهور چيني اديب ۽ سندس ڪهاڻيءَ جو ذڪر نہ ڪرڻ زيادتي ٿيندي. 1962ع ۾ ’ڪيوهو جو‘ پنهنجي نظريي جي پختگيءَ لاءِ بهترين ڪهاڻيون سرجيون. سندس هڪڙي مختصر ڪهاڻي ’ريڊار‘ نالي هئي. جنهن ۾ هن مائوزي تنگ جي انهي نظريي جي پوئواري ۾ لکي هئي. تہ ’جيڪڏهن توهان جنگ کان بچڻ چاهيو ٿا، تہ جنگ لاءِ تيار رهو.‘

## پؤنرن جي انتظار ۾ : منظور ڪوهيار

هي ڪهاڻي ساڳئي ليڪڪ ساڳئي دؤر ۾ سامراجي قوتن کي مکين ۽ هاٿيءَ کي محنت ڪشن جي علامت طور پيش ڪيو هيو. سندس هي ڪهاڻي هتي نموني طور پيش ڪجي ٿي:

### هاٿي ۽ مکيون

هڪ هاٿي جهنگل مان محنت سان لاهه ڪڍي رهيو هيو. مکين جا ميڙ چوڌاري ’ڀُون ڀُون‘ ڪندي ڪيس ذهني عذاب ڏئي رهيا هئا. اُهي ميڙ سندس اکين جي تنرن ۾ چنبڙڻ، پگهر چٽڻ يا سندس ناسن تي ويهي، سندس ساهه بند ڪرڻ ۾ مشغول هئا. ٻي يارو مددگار هاٿي رڳو پنهنجن ڪنن کي وجڻي جيان هلائڻ لڳو.

جڏهن گهڻي ڪم ڪرڻ کان پوءِ هاٿي آرام ڪري رهيو هو ته مکيون وري سندس چوڌاري ميڙاڪو ڪري آيون. هن ڪوشش ڪئي ته انهن کي پنهنجي وڏي سونڊ سان لامارو ڏئي هڪلي. پر اهو سڀ ڪجهه اجايو هو. جڏهن هن انهن کي هڪڙي طرف کان پئي هڪليو ته اهي ٻئي طرف کان حملي آور پئي

ٽيون . اجان هڪ ميڙ ڪي هڪلي بس پئي ڪيائين تہ پين پئي اڇي تڪاءُ ڪيو.

پنهنجي سونٽي ڪي زور سان لامارو ڏيندي هاٿي آخر ڪجھ مکيون ماري وڌيون، پر مکيون هيون زور آور، سو چوڻ لڳيون: 'تون بدمعاش! اسان تي تشدد ڪري رهيو آهين، تون اسان جي آزاديءَ ۾ خلل وجهي رهيو آهين. اسان جي خود مختياريءَ ۾ مداخلت ڪري رهيو آهين ۽ اسان جي حدن تي ناجائز قبضو ڪري رهيو آهين!'

'توهان جي حدن تي ناجائز قبضو ...؟ موٽي وڃو پنهنجي بدبودار جڳهن تي.' هاٿي وراڻيو.

'ٺيڪ آ، اسان وينداسين، جيڏانهن اسان کي وڻندو. دنيا جي کهڙي بہ ڪنڊ ۾ ... پر توکي سزا ڏني ويندي. تنهنجي تشدد واري عمل تي، اسان جا ساٿي سڄي دنيا ۾ آهن. ڪالرا، پليگ، پيچش ۽ تشنج سڀئي پنهنجا اتحادي آهن. اسان توکي اگهي ڇڏينداسين.

## پؤنرن جي انتظار ۾ : منظور کوهيار

توڙي جو اسان کي توسان هزارين سال وڙهڻو پوي يا ڏهن هزارن سالن تائين تنهنجي انت اچڻ تائين جهيڙيندا سي.“

هاڻي مکين جي پين ساٿين به آواز ڪيڻ شروع ڪيا ۽ اها ساڳي ئي زبان استعمال ڪيائون، جيڪا مکين ڪئي هئي.

المقصد تہ جن کي اڄ ڪلهہ micro fiction سڏيو وڃي ٿو، اُن جا بنياد هزارن سالن کان وٺي پيل آهي. صرف نالا مٽيا ۽ وڏيا آهن. هاڻي تہ عددي لفظن جي حوالي سان بہ ڪهاڻيون آهن. مثلن 55 لفظ ڪهاڻي، 69 لفظ ڪهاڻي، 16 لفظ ڪهاڻي، 8 لفظ ڪهاڻي، 4 لفظ ڪهاڻي، 2 لفظ، 1 لفظ ڪهاڻي، 0 لفظ ڪهاڻي.

1987ع ۾ 55 لفظ ڪهاڻي جون New Times وارن باقاعده بين الاقوامي مقابلو ڪرايو هيو، هيٺين شرطن تحت:

1. 55 لفظن کان هڪ لفظ بہ گهٽ يا وڌيڪ نہ هجي.
2. بيهڪ ڪهاڻي وانگر هجيس يعني شروعات، وچ ۽ آخر.
3. هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ڪردارن تي مشتمل هجي

4. منجهس ڪو مسئلو يا مونجهارو هجي
5. آخر ۾ حل يا نتيجو ڪڍي سگهجي.

اهڙين ڪهاڻين کي ڪيئي نالا ڏنا ويا آهن. مثلن Sudden story, postcard story, minute story, furious, fast, quick, short short story, Bytes, skinning story, palm-sized, little short story, pocket size story, story. smoking long story, novelties , sketch وغير وغيره.

اردو ۾ انهن کي 'افسانچے' سڏيو وڃي ٿو. منٽو ڏاڍا سٺا افسانچا لکيا پر اُنهن کي ايڏي پذيرائي نہ ملي.

ويجهڙ ۾ سعيد سومري ويلنٽائين ڊي تي 'پيار ڍهاڙي جي سوکڙي' لکي اردو جو هڪ ڪتاب 'کچوکے' نالي موڪليو. جنهن جو مصنف نور محمد قريشي آهي، تنهن جون مختصر مختصر ڪهاڻيون لکيل آهن. جن کي هو 'ڪچوڪي' سڏي ٿو. سندس هڪ ڪهاڻي مثال طور پيش ڪجي ٿي:

**پڇتاءُ**

وهندڙ پاڻيءَ ۾ پنهنجي جان خطري ۾ وجهي، اُن کي ڪناري تائين آندائين ۽ زيور لاهي، وري اُن کي پاڻيءَ جي سپرد ڪيائين. ان افسوس سان تہ تازي هجي ها تہ پنهنجي باھ ڪڍي ها.

## پؤنرن جي انتظار ۾ : منظور ڪوهيار

هاڻي تہ ڪافي اديب سنڌي ۾ بہ لکي رهيا آهن. انهيءَ ڪري اهڙين ڪهاڻين کي ڪوبہ حتمي نالو ڏئي ڇڏجي. مثلن:
1 . افسانڙا. 2. مختصر مختصر ڪهاڻي. 3. ننيڙي مختصر ڪهاڻي. 4. ننڍيرڙي ڪهاڻي وغيره وغيره.

پر مان سمجهان ٿو تہ هڪ اهڙي ڪهاڻي، جيڪا عام مختصر ڪهاڻي (common short story) کان بہ وڌيڪ مختصر هجي تہ ان کي مختصر مختصر ڪهاڻي (short short story) سڏڻ بهتر رهندو. ڊيگهہ/طوالت جي حوالي سان منهنجي راءِ اها آهي تہ اهڙي ڪهاڻي هڪ صفحي يا 300 لفظن کان وڌيڪ نہ هجڻ گهرجي.

ترقي يافتہ ٻولين ۾ سائنسي افسانوي ادب گهڻو مقبول آهي. سائنسي افسانوي ادب ۾ ناول ۽ افسانہ تہ جام آهن پر هاڻي تہ مختصر مختصر ڪهاڻيون بہ لکيون وڃن ٿيون.

هڪڙو مثال پيش خدمت آهي.

### تنهنجي هن دنيا ۾ اچڻ جو مقصد ڪهڙو آهي؟

هڪڙو مثبت، تہ وڻن ٽڻن جي زندهہ رهڻ لاءِ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ خارج ڪيان.

پيو منفي، تہ ڪمري ۾ ويٺل ماڻھن
جي حصي جي آڪسيجن ڪٽي وڃان.

پي هڪڙي 6 لفظ ڪھاڻي بہ ان حوالي سان پيش ڪجي ٿي:

## ڊائونسار موٽن ٿا

ڊائونسار موٽيا، تيل واپس گھرڻ لاءِ.

مٿئين ڪھاڻي اِن سائنسي نظريي تي ٻڌل آهي، تہ تيل/پيٽرول پنڊ پھڻ ٿيل ڊائونسار يا زمين اندر دٻيل حياتياتي مواد مان نڪرندو آهي.

سائنسي ادب کان علاوه سماجي پھلوئن تي بہ مختصر مختصر ڪھاڻيون آهن، مثلن: 4 لفظ ڪھاڻي

## پاڳل ماڻھوءَ مان

مان پاڳل نہ آهيان

2 لفظ ڪھاڻي، مثلن:

## گھريل دعا جو جواب

بلڪل ... نہ!

(مطلب تہ گھريل دعا نہ اگھامي)

1 لفظ ڪھاڻي ، مثلن:

**جي خدا مون سان آهي، تہ پوءِ ڪير مخالفت ڪندو.**

**مان**

0 لفظ ڪهاڻي: مثلن،

**وقت جو بهترين پل**

انٽرنيٽ تي اهڙي قسم جون ڪيترين ڪهاڻيون رکيل آهن، جن ۾ خاص ڪري اڄ ڪلهہ استينلي ٻيوبن جون ڪهاڻيون عام جام موجود آهن.

پر ڇا اهڙي قسم جون ڪهاڻيون اڳ بہ موجود هيون ...؟ ان سوال جو جواب آهي تہ 'ها، ٻهاڪن ۾ چوٽين جي صورت ۾.'

ان حوالي سان اسان جي دوست 'انجنيئر عبدالوهاب سهتو' موزون آڪاڻين ذريعي جڙيل ٻهاڪن ۾ چوٽين نالي هڪ ڪتاب لکيو. تنهن پنهنجي مقدمي ۾ 'مثالي ٽوٽڪا يا ڪهاڻي' جي وصف هن طرح بيان ڪئي آهي:

'ٻن ٽن سٽن يا هڪ پيراگراف ڪان وٺي ان ڏهن پيراگرافن منجهہ بيان ڪيل وارتا، جيڪا مثال طور تي ٻڌائي وڃي، ان کي مثالي ٽوٽڪو يا ڪهاڻي سڏيو ويندو آهي.

مثال: ٻُڍيءَ پيڙي جون هريڙو بہ پليون

ان پس منظر ۾ جاٽايل هڪ ڪهاڻي هت پيش ڪجي ٿي:

’سامان سان ڀريل ٻيڙي هڪڙي پتڻ کان
ٻئي تي پُور ڪنيون پئي وئي تہ واٽ تي طوفان
سبب اونڌي ٿي پئي. ماڻهو جيئين تئين بچيا پر
سامان سارو درياهہ داخل ٿي ويو. هريڙن جي
هڪڙي ٻوري پئي تري، جيڪو ناکئو صحيح
سلامت ٻاهر ڪڍي آيو تہ اهو ڏسي مالڪ چيو،
ٻُڏيءَ ٻيڙيءَ جون هريڙيون بہ ٻليون.‘

مطلب تہ اهڙي قسم جا ٻهاڪا يا چوٽيون ٻڙي ڪهاڻيون آهن. جنهن جي عنوان ٻڌڻ سان ماڻهوءَ کي پس منظر ۾ ڪهاڻي/آکاڻي/حڪايت وغيره ياد اچي وڃي ٿي. اڄ ڪلهہ جي ٻڙي ڪهاڻين کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي تہ نئين دؤر جي حوالي سان درست ادراڪ هجڻ کپي، نہ تہ اُهي اسٽوري بائيٽس يا مختصر مختصر ڪهاڻيون مڪمل نہ سمجهي سگهبيون. جئين اسان اڳ ۾ ’ڊائنوسار موٽن ٿا‘ ڪهاڻي مثال طور پيش ڪئي آهي.

بهرحال موجوده دؤر ۾ مختصر مختصر ڪهاڻيءَ بابت اِهو نظريو Less is More ائين آهي، جئين سولي سنڌيءَ ۾ چئبو آهي تہ ’ٿورو لکيو، گهڻو سمجهندا.‘

بس مختصر مختصر ڪهاڻي بہ ائين آهي، يعني ٿورن لفظن ۾ سمجهہ داري واري وڏي ڳالهہ ڪرڻ ـ يعني درياهہ کي ڪوزي ۾ بند ڪرڻ. پر جي ان ۾ ليکڪ ڪامياب نہ ٿو ٿئي، تہ پوءِ پاڻ کي ناڪام سمجهي يا ائين سمجهي تہ ان لفظن جو اجايو استعمال ڪيو آهي!

لفظن جي استعمال جي حوالي سان استاد سقراط چيو آهي:

Misuse of the words is the great sin

(لفظن جو غلط استعمال دنيا جو وڏي ۾ وڏو ڏوهہ آهي.)

منهنجي ڪهاڻين جي هن چوٿين مجموعي ’پؤنرن جي انتظار ۾‘ اهڙين ڪهاڻين پيش ڪرڻ جو مقصد اِهو بہ آهي تہ اسان سنڌي ادب ۾ سرجندڙ مختصر مختصر ڪهاڻيءَ کي بہ پنهنجي ادب جو اهم حصو بڻايون.

اِهوئي مقصد اسان جي نوجوان ليکڪ ۽ پبلشر سعيد سومري جو پڻ آهي تہ سنڌي ڪهاڻيءَ کي دنيا جي جديد

## پؤنرن جي انتظار ۾ : منظور ڪوهيار

عالمي ادب جي قطار ۾ بيهارجي. پنهي جي ڪوشش، پڙهندڙن آڏو آهي ۽ پڙهندڙ ئي وڏا منصف آهن.

**منظور ڪوهيار**
Cell: 0343-3629448

# مختصر مختصر ڪهاڻيون



# سدا بهار

صبوح صبوح سان ماڪيءَ جي مک، سدا بهار جي گُلن ڪي چوُسڻ لڳي. سدا بهار جي ٻُوٽي احتجاج ڪندي چيو:

” تون هر موسم ۾ ڦريان ڦريان منهنجي گلن جو رَسُ چُوسي هلي وڃين ٿي، اِها زيادتي آهي!“

ماڪيءَ جي مک ڪلندي وراڻيو:

” جي سدا بهار سڏائيندين، تہ ائين ئي ٿيندءُ.“

❇

## ٻلي جو خواب

هڪ ٻلي خواب ۾ ڏٺو، تہ شهر جا دادگير ڪتا سندس اتحادي ٿي ويا آهن. هو ڪيس ڇيڙا ڪائيندي ڏسي، نہ مٿائنس پؤنڪن ٿا ۽ نہ وري ڪڏ پون ٿا.

هُن ٻي ڏينهن تي پنهنجي برادريءَ وارن کي اِهو خواب ٻڌايو ۽ دعويٰ سان چيو تہ سندس خواب سچو آهي. جنهن تي سڀني حيرت جو اظهار ڪيو.

پوءِ هڪ ڏينهن ٻلو، جڏهن آرام سان سياسي گند جي ڍير تان ڇيڙا ڪائي رهيو هيو، تہ شهر جي هڪ داداگير ڪتي جي مٿائنس نظر پئجي وئي. هُن پؤنڪي پهريان پنهنجي برادري وارن کي سڏيو ۽ پوءِ رُومڙ ڪندي ٻلي جي ڪڏ پئجي ويا. ٻين ٻلن اتفاق سان گهرن جي ڀتين تي هلندي اِهو نظارو پئي ڏٺو ۽ جڏهن ڀڄندڙ ٻلي ڀت تي چڙهي جان بچائي تہ ٻين ٻلن پڇيس:

” ڀائو جي تنهنجي خواب مطابق، اِهي تنهنجا اتحادي آهن، تہ تون ڀڄين ڇو پيو؟“

” ادا، اڄ خبر پئي، تہ ٻلي جي خواب جو ڪتن وٽ ڪو قدر ڪونهي!“

# صوفي گڏهه ۽ گڏهه صوفي

هڪ صوفي گڏهه تي چڙهي، هڪ خانقاهه کان ٻي طرف پئي ويو. گڏهه نحيف ۽ هلڻ ۾ هلاڪ هيو. تنهن شڪايت ڪندي چيس:

" جڏهن تون چوين ٿو تہ هر شيءِ ۾ خدا رسي وسي ٿو، تہ پوءِ مون کي تون ايڏي تڪليف ڇو ٿو ڏين؟"

صوفي وراڻيو، "تنهنجي تڪليف، منهنجي تڪليف آهي. تون ائين سمجهہ جڻ مان پاڻ تي ويٺو آهيان ۽ پاڻ کي هڪلي رهيو آهيان"

اِهو ٻڌي، گڏهہ چيو:

"اِن جو مطلب تہ تون صوفي گڏهہ ۽ مان گڏهہ صوفي آهيان؟"

صوفي وراڻيو، "بيشڪ، تو ۾ ۽ مون ۾ صرف ايترو ئي فرق آهي."

❊

# سياسي مفاهمت

اٻوجهہ، سٻوجهہ کان پڇيو:
”سياسي مفاهمت ڇا کي چئجي ٿو؟“
سٻوجهہ وراڻيو:
” ٽڪُ اچلي، پوءِ چٽڻ کي، اڄڪلهہ سياسي مفاهمت چيو ويندو آهي!“

*

# آب حيات ۽ اديب

”ساڃاهوند ۽ سپورنج اديب هڪ ٻئي پٺيان مرندا ٿا وڃن، آخرڪار سنڌي ادب جو ڇا ٿيندو؟“هڪ اديب، ڳڻتيءَ وچان، ٻي اديب کان پڇيو.

” واقعي سنڌي ادب خطري ۾ آهي. جيڪڏهن پاڻ ويهي اِهو ليکو ڪنداسين تہ هاڻي وڏ ۾ وڏ ٻہ وڏا اديب بچيا آهن.“ ٻي اديب ليکو چوکو ڪندي وراڻيو.

” تنهنجي نظر ۾ اُهي ٻہ وڏا اديب ڪهڙا آهن؟“

پهرين اديب ڳڻتي وچان پڇيو.

” جواب صاف ظاهر آهي ... هڪ تون ۽ ٻيو آءٌ .“ ٻي اديب کلي وراڻيو.

پهرين اديب غمگين ٿيندي چيو، ”جيڪڏهن اسان ٻہ خدانخواستہ مري وياسين، تہ پوءِ سنڌي ادب جو ڇا ٿيندو؟“

ٻي اديب جواب ڏنو، ”ادبي تاريخ جو اِهو هڪ وڏو الميہ ٿيندو. اِن ڪري پاڻ کي بچائڻ لاءِ ڪونہ ڪو اُپاءُ وٺڻ گهرجي“

” ڪهڙو اُپاءُ؟“پهرين اديب پڇيو.

” سڄاڻ ڌرين ڪان اِهو مطالبو ڪرايو وڃي، تہ ثقافت
کاتو مهان اديبن ڪي بچائڻ لاءِ آب حيات جو انتظام ڪري“
” زبردست آئيڊيا آهي.“
ٻي اديب، ٻهرين جي تائيد ڪندي چيو.

*

# محنت جي عظمت

دلدل گهوڙو جيڪو ڪجهہ نہ ڪندو هيو، تہ بہ سندس عزت وتڪريم ٿيندي هئي، سندس آڏو هاڏر ۾ سدائين ڪُتر، ڪڙٻ يا ڪتي پئي هوندي هئي. خدمتگار هر وقت سندس مهٽ سهٽ ۾ لڳا پيا هوندا هيا.جڏهن تہ عام گهوڙو بگي ڇڪيندي بہ هر وقت ڇهبڪن جي ضد ۾ هوندو هيو.

هڪ ڏينهن امام بارگاهہ جي پِر ۾ بيٺل دلدل گهوڙي کان، عام گهوڙي هٽڪندي پڇيو:

" تو ۾ آخر ڪهڙي خاص ڳالهہ آهي، جو محنت نہ ڪرڻ جي باوجود بہ ايترن مزن ۾ آهين؟"

دلدل گهوڙي وراڻيو:

"آءٌ هڪ عظيم هستيءَ جي نالي سان منسوب آهيان، اِن ڪري مزن ۾ آهيان."

عام گهوڙي ٺڏو ساهہ پريندي وراڻيو:

"آهيون تہ پئي گهوڙا، پر لڳي ٿو تہ دنيا اجا محنت جي عظمت ۾ ايمان نٿي رکي."

*

# پوئرن جي انتظار ۾

چمن ۾ گل ٽڙيا. ڪجهه عرصي کان پوءِ مرجهائجي ڇڻڻ لڳا.

تڏهن هڪ گل ٻئي کان پڇيو:

”پنوئر ڪٿي آهن؟“

”لڳي ٿو مري ويا آهن.“ ٻئي گل ٿڌو ساهه ڀريندي وراڻيو.

❊

# جهانديده مستري

نوجوان مستري، پنهنجي اُستاد کي دل جو احوال ٻڌائيندي صلاح ورتي:

” اُستاد منهنجي گهر واري مون سان ٺهي ئي نہ ٿي. سال ٿي ويو آ شاديءَ کي، پئي ٿي ڇيُ ڇيُ هلي!“

”ٻچا، جي مڙس ڪوڪي جيان ۾ زال جُتيءَ جيان هوندي، تہ پئي ڇُپ ڇُپ هلندي.“

”پوءِ ڇا ڪجي؟“

”ٻچا جي مڙس بولٽ جيان ۾ زال نٽ جيان ٿي رهندي تہ مسئلو حل ٿي ويندو.“

*

# اڳت نڪتل سٽٽيون ۽ عوام

هڪ وزير، پنهنجي داناءَ مشير کان پڇيو:
”اڄڪلهه عوام ڏاڍو تنگ ٿو ڪري. جتان لنگهئون ٿا.
اسان کي ڏسي، ٻئي هٿ مٿي ڪري اسان جي خلاف نعرا ٿو هڻي. اِن جو ڪو حل ٻڌاءِ؟“

مشير وراڻيو، ”سائين، عوام جي سٽٽين ۾ اڳت وجهڻ تي پابندي هٽائي ڇڏيو.“

وزير کي اِها ڳالهه ڏاڍي وڻي. هن اهڙي قسم جو بل اسيمبليءَ مان منظور ڪرائي ڇڏيو. اُن ڏينهن کان وٺي عوام جا ٻئي هٿ سٽڻ ۾ آهن.

❇

# اعتراف

خدا پنهنجي بندي کان پڇيو:

”تون ڇا ٿو ڪرڻ چاهين؟“

بندي وراڻيو:

”ڪجهہ بہ نہ!“

خدا چيو:

”اِن جو مطلب تہ مون توکي اجايو تخليق ڪيو؟“

بندي وراڻيو:

”تو مون جهڙا ڪوڙ اجايا تخليق ڪيا آهن، آءٌ ڪو هڪڙو تہ نہ آهيان.“

”واقعي مون مقدار تي وڌيڪ ۽ معيار تي گهٽ توجهہ ڏنو.“

خدا اعتراف ڪندي وراڻيو.

*

# نئين گدڙ سنگهي

هڪ سرڪاري ماتحت، ٻي کان پڇيو:
” تون باس کان نہ ٽيندڙڪم بہ ڪرائي وجين ٿو. آخر
تو وٽ اُها ڪهڙي گدڙ سنگهي آهي...؟!
ٻي کلندي وراڻيو:
”مان باس کي پيسا سنگهائيندو آهيان!“

٭

# پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو ٿا هڻن

ننڍڙو شيام ڪمار اغوا ٿي ويو.
مائٽن پنگ پري ڪيس آزاد ڪرايو.
تہ هن پهريون سوال پنهنجي پيءُ جيئند راءِ کان اِهو ڪيو:
”بابا، مسلمان اسان کي اغوا ڇو ٿا ڪن؟“
جيئندراءِ جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا. هن ٿڌو ساهہ پرينديءَ وراڻيو:
”پٽ، اسان کي اغوا نہ ٿا ڪن، پر پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو ٿا هڻن!“
اِها ڳالهہ ننڍڙي شيام ڪمار کي سمجهہ ۾ نہ آئي.

*

# ويچارو پاڪستاني

هڪ پاڪستاني صحافي کان، ڪنهن ٻاهرين ملڪ جي صحافي پڇيو:

”پاڪستاني ما ٺهو جو روز مرهہ جو ڪم ڪيئن ٿو هلي؟“

پاڪستاني صحافيءَ وراڻيو:

”زال چويس ٿي، ڏو مور!

باس چويس ٿو، ڏو مور!

آمريڪا، چويس ٿو، ڏو مور!

هاڻي ٻڌاءِ، تہ ويچارو پاڪستاني ڪيڏانهن وڃي؟“

❇

# ڪانءُ تو ڏونگهي ڪائي

”سائين ٻڍو آهي ۽ ستر سالن جي عمر رسيده سياستدان، جيڪو ڏوهٽن ۽ پوٽن وارو آهي. تنهن مڇن ۾ وارن ڪي رنگ هٽي، ننڍي نيٽي ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي آهي. ڇا اِهو ظلم ناهي؟“ ابوجهه، سبوجهه کان سوال ڪيو.

سبوجهه کيس پيار سان سمجهائيندي چيو.

”چريا ائين ناهي چئبو؟“

ته پوءِ تون ئي ڪٽي ٻڌاءِ، ته ڇا چئبو آهي؟“

ابوجهه ترش لهجي مان پڇيس.

سبوجهه سنجيدگيءَ سان وراڻيو:

”چئبو آهي، ڪانءُ تو ڏونگهي ڪائي.“

*

# رني ڪوٽ جا مورک

رني ڪوٽ تي پانت پانت جامؤرخ ۽ آثار قديمہ جا ماهر، هڪ ڪوتايل ڪانفرنس ۾ گڏ ٿيا.

هڪ دعويٰ ڪئي : ”هي قلعو ميرن جي دؤر جو ٺهيل آهي.“

هن پنهنجي دعويٰ کي درست ڪرڻ لاءِ ويهن صفحن تي مشتمل مضمون پڙهيو.

ٻي دعويٰ ڪئي، ” هي راءِ گهراڻي جي دؤر جو قلعو آهي.
“

هن تاريخي دليلن سان ٽيهن صفحن تي مشتمل مقالو پڙهيو.

ٽئين دعويٰ ڪئي، ”هي قلعو ساساني دؤر جي نشاني آهي، جڏهن سنڌ فارس جي شهنشاهن جي هٿ هيٺ هئي.“

هن چاليهن صفحن کي تاريخي حوالن سان سينگاري پيش ڪيو.

چوٿين چيو، ”هي ڪوٽ سنڌ جي مهان حڪمران ۽ مهاڀارت جي جوڌي راجا جئدرٿ جي زال راڻي دوشالا ٺهرايو هيو.“

هن پنهنجي دعويٰ کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ تاريخي ۽ ڏند ڪٿائي حوالا ڏيندي، پنجاهه صفحن تي مشتمل آرٽيڪل پڙهيو.

ڪانفرنس ۾ ويٺل هڪ عام ماڻهو، جيڪو مختلف دعوائون ٻڌي تنگ ٿي پيو هيو، تنهن اُٿي بيهي، وڏي واڪي چيو:

”حقيقت اِها آهي ته هن عظيم الشان ڪوٽ کي هڪ وڏي مورک ٺاهيو هيو، ته جيئن ايندڙ وقت جا مؤرخ ۽ ماهر پنهنجي مورکائپ جو اظهار ڪندا رهن!“

اِهو ٻُڌي محققن ڪيس ڪانفرنس مان ڌڪا ڏئي ڪڍي ڇڏيو.

*

# ديوارن ۾ ساهه کڻندڙ

هڪ اپوجهه، پنهنجي سپوجهه دوست کان پڇيو:
”ديوارن تي سياسي پارٽين جا نالا ڇو لکيل هوندا آهن؟“

سپوجهه دوست وراڻيو:
”اِن ڪري جو اسان وٽ سياسي پارٽيون هاڻ ديوارن ۾ ساهه کڻنديون آهن!“

٭

# زردار ۽ نادار

هڪ نادار جڏهن زردار سان مليو تہ متائنس هزارين لعنتون وجهندي چيائين:

”او زردار! تون مونکي ايترو تہ نادار ڪري ڇڏيو آهي. جو هاڻي منهنجي مٿان غربت جو ڪيئي لڪيرون گذري ويون آهن. ڪجهہ مون تي رحم ڪر ۽ پنهنجي هوس کي گهٽاءِ!“

زردار وراڻيو، ”اي بيوقوف نادار، ناداري تہ تنهنجي خوشقسمتي آهي ۽ زردار ٿيڻ منهنجي بدقسمتي آهي.“

نادار وراڻيو، ”مون نہ سمجهيو ... وضاحت ڪر!“

زردار چيو، ”تون سنئون سڌو جنت جو حقدار آهين. جتي توکي پاهتر حورون ۽ ڪيئي غلمان ملندا. رهڻ لاءِ عاليشان سونا محل ۽ کائڻ لاءِ هزارين قسمن جا ميوا ۽ پيئڻ لاءِ کير ۽ ماکي جون نهرون ۽ وڏي ڳالهہ تہ شرابن طهورا بہ توکي ئي ملندو. جڏهن تہ مان دوزخ جي باهہ ۾ سڙندس، ٿهڪايل ٿوهر جو پاڻي پيئندس ۽ بدترين شيون کائيندس.“

نادار وراڻيو، ”اِهو آسرو تہ ضرور آهي. پر هن دنيا ۾ جيڪا هڪ هڪ گهڙي هزارن ۽ لکن سالن جي عذاب مثل گذري ٿي ... اُن جو ڇا ڪجي؟“

زردار وراڻيو، ”صبر ۽ مفاهمت سان سهندو رهہ، جيستائين قيامت نہ اچي.“

❊

# ڪرسي مٿان رکيل ڊونڊ

هڪ وڏي اداري جا ٻہ ننڍا ملازم يعني نائب قاصد، باس جي ڪمري ٻاهران پاڻ ۾ گفتگو ڪري رهيا هيا:

”تون جڏهن صاحب جي ڪمري ۾ وڃي ٿو، تہ ڪجھ محسوس ڪرين ٿو؟“

”مان گھڻو ڪجھ محسوس ڪندو آهيان... نئون نئون هتي آيو آهين، تون ٻڌاءِ؟“ پراڻي نائب قاصد، نئين کي چيو.

”صاحب، زبردست ڪپڙا پائي ٿو!“

”اِها ڪا نئين ڳالھ ڪونهي، سڀ صاحب سٺا ڪپڙا پائيندا آهن...“

”صاحب، تمام سٺي پرفيوم هڻندو آهي.“

”سڀ صاحب هڻندا آهن، پوءِ؟“

”پر پوءِ بہ خبر ناهي ڇو، صاحب مان هلڪي هلڪي ڌپ ايندي آهي...“

پراڻي نائب قاصد ٺهڪ ڏيندي وراڻيو:

”جڏهن بہ ڪو رٽائرڊ صاحب پيهر ملازمت ڪندو آهي، تہ هو ڪرسيءَ مٿان رکيل ڊونڊ جي مثل هوندو آهي. پوءِ هو ڪٿي ڪيڏا بہ عطر عنبير هڻي ڌپ نہ ويندي اٽس.“

❊

# ڪراچي ۾ گذرندڙ زندگي

انساني دل مان گولي آرپار ٿيڻ ڪانپوءِ روح پرواز ڪندو آسمان تي پهتو، تہ پيئن روحن سندن آجيان ڪئي.

نئين آيل روح کان هڪ پراڻي روح پڇيو:

”اِها حقيقت آهي، تہ انساني سماج ۾ ڪنهن جي ڏاڍي خراب گذري ۽ ڪنهنجي سٺي. اي دوست!تون ٻڌاءِ، تنهنجي زندگي ڪيئن گذري؟“

نئين آيل روح مختصر جواب ڏيندي چيو:

”منهنجي زندگي ڪراچي ۾ گذري!“

”بس تہ پوءِ تنهنجو پڇاڻو معاف آهي.“

پراڻن روحن ڪيس آٿت ڏيندي چيو.

❊

# اجازت نامو

خودڪش حملي ڪرڻ واري ٽريننگ ورتل شخص جڏهن اخبار ۾ وزير داخلا جو اِهو بيان پڙهيو، ته هاڻي دهشتگردي ڪرڻ جي هرگز اجازت نه ڏني ويندي، ته ويچارو پريشان ٿي ويو.

هن پين ۽ پنو ڪڍيو ۽ مؤدبانه انداز ۾ وزير کي ويهي درخواست لکي:

جناب وزير داخلا صاحب

گذارش ته جيئن اوهان قومي مفادن کي سامهون رکي وزير داخلا ٿيا آهيو.تيئن مان به مذهبي مفادن کي سامهون رکي ڪري دهشتگرديءَ جي ٽريننگ ورتي آهي، ته جيئن اسان جو مذهبي فرض به پورو ٿيندو رهي ۽ اوهان کي به امداد ملندي رهي.

اِن ڪري اميد آهي ته گڏيل مفادن کي سامهون رکندي، مون کي دهشتگردي ڪرڻ جي اجازت ڏيندا. ته اوهان جي آل و اولاد جو شهادت کانپوءِ به شڪرگذار رهندس.

اوهان جو فرمانبردار
هڪ معصوم
دهشتگرد

هن اُها درخواست لفافي ۾ وجهي، لفافي تي ائڊريس لکي، پوسٽ آفيس جي دٻي ۾ اڇلي ڇڏي.

۽ پوءِ ٻي ڏينهن تي هُن هڪ چيڪ پوسٽ تي پاڻ کي اُڏائي ڇڏيو.

ٽين ڏينهن تي وزير داخلا جو بيان سرخي بڻيل هيو:

”گهڻو ٿيو ... اسان ڪنهن بہ صورت ۾ دهشت گردي جي، هاڻي ڪنهن کي بہ هرگز هرگز اجازت نہ ڏينداسين!“

اِها خبر پڙهي، معصوم دهشتگرد جو روح مطمئن ٿي ويو، تہ گهٽ ۾ گهٽ ڪيس اجازت تہ ملي وئي. باقي ٻيا ڇاڻين ۽ وزير داخلا ڇاڻي.

*

# تبديليءَ جو انتظار

”خبر ناهي، تہ هيءَ انڌيري رات ڪڏهن ختم ٿيندي...؟ ڪڏهن هن ظلمتن جي سفر جي پڄاڻي ٿيندي...؟. ڪڏهن هيءَ دنيا نور سان لبريز ٿيندي...؟ ائين ٿو لڳي جڻ پنهنجي قسمت ڪنهن سياهي سان لکي ڇڏي آهي...! آءٌ هن اونداهيءَ جي سلسلي کان تنگ اچي چڪو آهيان ... ڪا اُميد ڪو آسرو ڪونهي ... بس رڳو موت جو انتظار آهي.“ هڪ شخص نهايت بيوسيءَ وچان رڙيون ڪندي چوڻ لڳو.

ٻي همراهہ وراڻيو: ”تنهنجي مايوسي ڪنهن حد تائين بجا آهي. ڇو تہ هر طرف مايوسيءَ جو راڄ آهي. ڪا واهہ نظر نہ ٿي اچي. اقتصادي ۽ سياسي حالتون ابتر آهن، بدامني عروج تي آهي ۽ سماجي صورتحال ڏيڄاريندڙ آهي. پر هڪ نہ هڪ ڏينهن اُميدن جو سج ضرور اُڀرندو، ظلمات جي پڄاڻي ٿيندي .... تون يقين ڪر!“

”پر اهڙي تبديلي ايندي ڪڏهن...؟ڪڏهن تبديل ٿيندو، هي گهُٽ ۽ ٻوسٽ وارو ماحول...؟ “

پهرين شخص، اشتياق ۽ تجسس وچان پڇيو.

”اِها تبديلي تنهنجي منهنجي جدوجهد سان ئي ايندي ۽ يقين ڪر تہ گڏيل جدوجهد ضرور رنگ لائيندي.“ ٻي شخص کيس سمجهائيندي ۽ آٿت ڏيندي وراڻيو.

”مان جدوجهد جي تڪليف ۽ عذاب کان بچڻ چاهيان ٿو. مان چاهيان ٿو تہ ڪو اهڙو معجزو ٿئي، جو اِها تبديلي خودبخود اچي وڃي.“

”تہ پوءِ انتظار ڪر.“

”ڪيستائين؟“

”هزارن سالن تائين، جيستائين ڪو معجزو رونما ٿئي يا وري نہ ٿئي ...!!“

ٻي همراهہ انتهائي سنجيدگيءَ سان وراڻيو.

*

# اناڙي

هڪ سنو تعليم يافتہ شخص هڪ وزير سان مليو ۽ پنهنجي اهليت جتائڻ لڳو:

”سر! مان تمام گهڻو تعليم يافتہ آهيان.“

وزير وراڻيو، ”مان ڇا ڪيان؟“

”سر! مون کي جنرل ناليج بہ گهڻي آهي.“

”پوءِ مان ڇا ڪيان!“وزير بيزار ٿي وراڻيو.

”سر! مان ايماندار بہ آهيان.“

”مان تنهنجي تعليم، ذهانت ۽ ايمانداريءَ کي پيئندس، کائيندس، گهوٽيندس، ڇا ڪندس؟“وزير ڪاوڙجي چيو.

”سر! توهان کي ڪهڙي اهليت کپي؟“

”صرف اِهو ٻڌاءِ، تہ تون اسان جي ڪهڙي ڪم جو آهين؟“

”سر! مون نہ سمجهيو!“

” جنهن نہ سمجهيو، اُن جي اسان کي ڪا ضرورت ڪونهي!“

*

# چا تہ ڪارنامو آهي!

هڪ صحافي، هڪ وزير کان سوال ڪيو:

”وزير صاحب! اسان ٻڌو آهي، تہ اوهان نااهلن کي نوڪريون ڏيو ٿا؟“

وزير وراڻيو، ”اهلن کي تہ ڪير بہ نوڪري ڏئي سگهي ٿو، پر نااهلن کي نوڪري ڏيڻ ئي تہ اسان جو ڪارنامو آهي!“

صحافي حيرت زده ٿي وراڻيو:

’چا تہ ڪارنامو آهي!“

*

# پنجاهه ڪروڙ نوڪريون

هڪ سرڪاري ڏر جي جاگيردار وزير دعويٰ ڪندي چيو، ”مان پنجاهه ڪروڙ سنڌين کي نوڪريون ڏنيون آهن.“

’پنجاهه ڪروڙ سنڌي .....!؟ پنجاهه ڪروڙ سنڌي ته آهن ئي ڪونه ...!؟“ هڪ صحافي حيرت وچان وات پٽيندي سوال ڪيو.

’مان هڪ خاص سنڌيءَ کي هڪ ڪروڙ عام ماڻهن جي برابر سمجهندو آهيان، هاڻي تون حساب ڪر.“

صحافي ليکو ڪندي لاجواب ٿي ويو.

❊

## نقارخاني ۾ طوطي جو آواز

سڀني سياسي، مذهبي، سماجي ۽ رٽائرڊ فوجي اڳواڻن واري واري سان وڏي دعويٰ ڪندي چيو:

”هن ملڪ جو پوري جو پورو عوام اسان سان گڏ آهي.....!!“

ملڪ جي هڪ شخص رڙيون ڪندي چيو، ”مان ڪنهن سان به گڏ نه آهيان، مان ڪنهن سان به گڏ ناهيان ....“

پر هن کي ڪنهن ٻُڌو ئي ڪو نه.

*

# چرپٽ عظيم هيو

هڪ ماڻهو نجي محفل ۾ موجوده دؤر جي حڪومت تي تبصرو ڪندي نتيجو ڪڍيو، ’بس! انڌير نگري، چرپٽ راجا وارو دؤر لڳو پيو آهي!“

ٻئي شخص احتجاج ڪندي چيو، ”تون راجا چرپٽ جي توهين ڪري رهيو آهين، راجا چرپٽ عظيم هيو ...“

پهرين چيو، ”دليل ڏي تہ ڪئين!؟“

ٻي وراڻيو، ’چوڻي آهي

انڌير نگري چرپٽ راجا،

ٽڪي سير ڀاڄي، ٽڪي سير کاڄا.

آهي يا نہ؟“

’بالڪل، اِها عام چوڻي آهي“ پهرئين اعتراف ڪندي وراڻيو.

ٻي پنهنجي دليل کي وڌائيندي چيو.

”جيتوڻيڪ ان جو دؤر بہ ناانصافي جو هيو پر ان دؤر ۾ انتهائي سستائي هئي جو هڪ غريب ماڻهو بہ کاڄا وٺي کائي

سگهندو هيو. پر هاڻي انڌير نگري سان گڏ، مهانگائي بہ چوٽ چڙهيل آهي!“

پهرين شخص اِهو دليل ٻڌي، اعتراف ڪندي وراڻيو، ” واقعي چرٻٽ عظيم هيو، هن دؤر جا حڪمران، سندس پيرن مٽ بہ ناهن!“

*

# چريو چئي، سياڻو سمجهي

هڪ چريءَ پئي چيو،

”جڏهن به ڪو سياسي اڳواڻ، مذهبي عالم، سرڪاري آفيسر، دانشور ۽ اديب، پنهنجي تعريف پاڻ ڪري ۽ بس نه ڪري، ته سمجهي ڇڏيو ته هو اُن وهڪيل مينهن جيان آهي، جيڪا کير ڏيڻ بجاءِ رڳو رنڀندي آهي!“

”ان جو مطلب ته هاڻي اسان وٽ رڳو وهڪيل مينهون بچيون آهن.“ هڪ عام شخص وراڻيو.

*

# نيڪو

اخبار جي ھڪ رپورٽ پڙھڻ ڪانپوءِ اٻوجھہ سٻوجھہ کي ٻڌايو:

”اخبار جي رپورٽ مطابق تہ ملڪي سياستدانن پرڏيھي بئنڪن ۾ بي حساب پئسو رکيو آھي“

”ائين ناھي چئبو.“ سٻوجھہ وراڻيو

”تہ ڇا چئبو آھي؟“

”چئبو آھي تہ الله کين بي حساب ڏنو آھي. اِن ڪري ٻاھرين ملڪن جي بئنڪن ۾ پئسا رکڻ تي مجبور آھن“

”پر ان ڏوھہ ۾ خوامخواھہ الله کي ڇو ٿو ملوث ڪيو وڃي؟“

اٻوجھہ ڪاوڙجي پڇيو.

”اِن ڪري جو دولت مند سياستدانن، پنھنجي ھر ڏوھہ جو نيڪو الله کي ڏئي ڇڏيو آھي!“

سٻوجھہ سمجھايس.

*

# ڪٻري ٽي توت ڳهي

”سائين ٻڌو آهي تہ هوءَ جيڪا حد ڪان وڌيڪ مشهور سياسي سماجي اڳواڻ عورت آهي، سا ٽپرٽپر ڇورا ڇورا رکيون ويٺي آهي ... ان جو سبب؟“ اٻوجهہ، سٻوجهہ ڪان پڇيو.

سٻوجهہ وراڻيو، ”ائين ناهي ڇئبو ڇريا!“

”باقي ڪيئن ڇئبو آهي؟“

”ڇئبو آهي، تہ ڪٻري ٽي توت ڳهي.“

*

# خراب قسمت

ابوجهہ اخبار ۾ ٽرئفڪ حادثن بابت پڙهندي راءِ ڏني:
”ڊرائيور ڏاڍا ظالم ٿين ٿا. انڌن وانگر گاڏيون هلائي حادثا ڪن ٿا!“
” ائين نہ چئجي،“ سبوجهہ ڪيس سمجهايو
” باقي ڇا چئجي؟“
”ائين چئجي تہ مسافرن جي قسمت خراب آهي!“
سبوجهہ سمجهايس.

*

## ڪڙهڻ ۽ پڙهڻ

تعليمي ادارن ۾ شاگردن جي ڪلاسن ڪان بائيڪاٽ ڪرڻ واري خبر تي، ابوجهه تبصرو ڪندي چيو:

” اڄڪلهه جا شاگرد پڙهن گهٽ، بائيڪاٽ گهڻا ڪن ٿا. “

”ائين ناهي چئبو!“ سڀوجهه ڪيس منع ڪندي چيو.

” تہ ڇا چئبو آهي؟“

” چئبو آهي، تہ شاگرد ڪڙهن گهڻو ٿا، پر پڙهن گهٽ ٿا!“

*

# سچا ماڻهو

سياستدان هڪ نجي ٽي وي چينل تي واري واري سان پئي چيو:

”اسان هن ملڪ مان بي روزگاري کي هميشہ هميشہ لاءِ تڙي ڇڏينداسي!“

”اسان هن ملڪ کي امن ۽ شانتيءَ جو مرڪز بڻائي ڇڏينداسي. “

اسان هن ملڪ کي اڄهو، لٽوءِاٿو ڏئي پوءِ سک جو ساهہ ڪڻنداسين. “

”اسان هن ملڪ کي فلاحي رياست جو درجو ڏئي ڇڏينداسي.“

اڀوجهہ اهي سڀ دعوائون ٻڌڻ کانپوءِ، سڀوجهہ کان پڇيو:

”اهي ڪيڏا نہ ڪوڙا ۽ ڊاڙيل آهن، جو ڪوڙ ڳالهائيندي کين شرم ئي نہ ٿو اچي.

”ائين ناهي چئبو!“ سڀوجهہ منع ڪيس

”باقي ڇا چئبو آهي؟“ اڀوجهہ پڇيس

”چئبو آهي تہ ڪيڏا نہ سچا آهن. جو سچ ڳالهائيندي کين خوف ئي نٿو ٿئي.“

*

# مڙئي وقت گُذري پيو

هڪ سياستدان کان ڪنهن پڇيو:

” جناب وقت ڪيئن پيو گُذري؟“

سياستدان وراڻيو:

” ٻار ٻاهر پڙهن ٿا. . . . واپار دبئي ۾ هلي پيو. . . .

سياست پاڪستان ۾ ٿئي ٿي . . . . مڙئي وقت گذري پيو“

*

# بي شرم، بي حيا

هڪ پراڻو سياستدان، اميدوار جي حيثيت سان هڪ ووٽر جي در تي آيو ۽ ووٽ ڏيڻ جي لاءِ ڪيس گذارش ڪئي.
ووٽر وراڻيو:
”سائين، نہ اوهانکي ووٽ گهرندي شرم ٿو اچي، ۽ نہ اسان کي ووٽ ڏيندي حياءُ ٿو ٿيئي.“
سياستدان ڪلندي چيو:
”اِها اسان جي روايت آهي، تہ بي شرم ٿي ووٽ وٺون ۽ اها توهان جي روايت آهي تہ بي حيا ٿي ووٽ ڏيو.“

*

## شريف النفس

”هي قومي اسيمبليءَ جو شريف النفس ميمبر آهي.“

هڪ ماڻهو قومي اسيمبلي جي ميمبر جي سامهون تعريف ڪندي ٻئي کي ٻڌايو.

”تہ پوءِ سائين جن جو اُهو ڪهڙو ڪارنامو آهي، جنهن جي بنياد تي، تون هن کي شريف النفس شخص سڏين ٿو؟“ ٻي شخص پڇيس.

”هن اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ ڪڏهن هڪ اکر بہ ناهي ڳالهايو.“

تعريف ڪندڙ شخص وراڻيو.

*

# ٿي سونهري دؤرَ

هڪ سياسي مذاڪري ۾، هڪ پراڻي پارٽيءَ جي سچي ڪارڪن دعويٰ ڪندي چيو:

”اسان جو دؤرسونهري دؤر هيو!“

”ڪيئن؟“ پين پڇيس

هن وراڻيو، ”اسان جي دؤر جو نعرو هيو، مرو ۽ مرڻ ڏيو... پوءِ دنيا ڏٺو، تہ ان نعري جي تحت اسان کي آزادي ملي.“

” بيشڪ توهان جي دؤر ۾ وڏا فساد ٿيا ۽ لکين ماڻهو مئا.“ پين سياسي پارٽي جي ڪارڪنن، سندن سونهري دؤر کي سلام ڪيو.

ٻئي سياسي پارٽيءَ جي ڪارڪن بہ دعويٰ ڪئي، تہ ”اسان جو دؤر بہ سونهري دؤر هيو!“

”ڪيئن؟“پين پڇيس.

هن چيو، ”اسان جي دؤر جو نعرو هيو، وڙهو ۽ وڙهڻ ڏيو. پوءِ دنيا ڏٺو، تہ اسان خوامخواہ جنگيون ڪرائي، قوم کي متحد رکيو سي!“

”بيشڪ، اوهان جي دؤر ۾ به ماڻهن خوف ۾ زندگي گذاري.“ ٻين پارٽين جي ڪارڪنن، ان صداقت کي تسليم ڪيو.

ٽئين پارٽي جي جوشيلي ڪارڪن به دعويٰ ڪئي:
”اسان جو دؤر به سونهري اکرن ۾ لکيو ويندو!“
ٻين پڇيس، ”ڪيئن؟“
هن وراڻيو، ”اسان جو نعرو آهي، ڪائو ۽ کائڻ ڏيو“
”بيشڪ، اوهان جو دؤر به ڪرپشن جو سونهري دؤر آهي.“ سڀني سياسي ڪارڪنن اعتراف ڪندي چيو.

*

# سياسي پناهه وٺندڙ

ڪنهن آزاد ملڪ ۾ سياسي پناهه وٺندڙن جا انٽرويو ٿي رهيا هيا. هڪ متعلق آفيسر، هڪ عورت کان پڇيو:

”تون ڇو هتي سياسي پناهه وٺڻ چاهين ٿي؟“

عورت جواب ڏنو، ”منهنجو ملڪ اهڙي چڪلي جي مثال آهي، جتي رنڊيون گهٽ ڪجر وڌيڪ آهن. ڪجرن جي گهٽائي ڪري عورتون عذاب ۾ آهن. اِن عذاب کان بچڻ لاءِ سياسي پناهه وٺڻ چاهيان ٿي.“

اُن کانپوءِ متعلق آفيسر هڪ مرد کان پڇيو:

”تون ڇو هتي سياسي پناهه وٺڻ چاهين ٿو؟“

مرد وراڻيو، ”منهنجو ملڪ هڪ اهڙي پاڳل خاني جي مثال آهي. جنهن جا ڊاڪٽر ۽ طبيب به چريا آهن. هو هر مريض کي ساڳي سئي هڻندا يا دوا ڏيندا آهن. جنهن کانپوءِ مريض اڃا وڌيڪ پاڳل ٿي وڃن ٿا، خودڪش حملا ڪندو آهي.“

اِهو ٻڌي متعلق آفيسر ٻنهي جي حق ۾ سفارش ڪري ڇڏي.

*

# سياڻو ڪانو وِٽ تي ويهي

هڪ سياسي ٽاپرو، هڪ سياسي جاگيردار ڪي ويٺي ٽاپان پئي ڏنيون. سياسي جاگيردار، سياسي ٽاپروءَ کان پڇيو:

” شهر جي سياسي صورت حال ڪيئن آهي؟“

”مؤجن ۾ آهي، “سياسي ٽاپرو وراڻيو.

”سچي سچي ٻڌاءِ، ٽاپان نہ ڏجانءِ... تہ منهجي لاءِ عام ماڻهو ڇا ٿا چون؟“

”چون ٿا، تہ صفا سياڻو ڪانءِ آهي. “ سياسي ٽاپرو وراڻيو.

”ڪيئن ڀلا؟“سياسي جاگيردار زيرلب مشڪندي پڇيس.

”ماڻهو چون ٿا، اوهان اُڏي اُتي ويهو ٿا، جتي سياڻو ڪانوءَ وجي ويهندو آهي.“

*

# هيروئنيءَ جي دعا

هڪ هيروئني صدا هڻندي چيو:

”مولا وزير ڪندئي. . . . صرف پنجاهه روپئي جو سوال آ.“

مون وراڻيو، ”مان ۽ وزير!؟. . . ڇو ٺٺوچرچا ڪرين؟. . . “

هيروئني وراڻيو، ”مون ڪان به ردي ردي وزير ٿي ويا آهن. تون ڳالهه ڪهڙي ٿو ڪرين ....!“

اِن جملي ٻڌڻ ڪانپوءِ، مون هيروئني کي هڪدم سؤ روپيه ڏئي ڇڏيا، ته من هيروئني جي دعا لڳي پوي ۽ مان صدر ٿي وڃان.

❊

# منسٽر جو خواب

منسٽر رات جو خواب ڏٺو ۽ ڏينھن جو ھڪ خوابن جي تشريح ڪندڙ شخص کي ٻڌائڻ لڳو:

”مون رات خواب ۾ ڏٺو، تہ ھن ملڪ جا ھڙئي ماڻھو انڌا، منڊا، گونگا ۽ ٻوڙا ٿي ويا آھن ۽ مان آرام سان سڄي ملڪ ۾ گھمي رھيو آھيان.“

خوابن جي تشريح ڪندڙ شخص وراڻيو:

”سر، اُھي تہ اڳي ئي آھن، جي نہ ھجن ھا، تہ اوھان ھرگز منسٽر نہ ٿيو ھا!“

*

# انقلابي تبديلي

هڪ سياسي اڳواڻ تقرير ڪندي چيو:

”جيڪڏهن اسان اليڪشن کٽي ۽ اقتدار مليو تہ مان يقين ٿو ڏياريان، تہ اهڙي انقلابي تبديلي آڻينداس، جو ڪُتا بہ ماڻهو ٿي ويندا.“

اُن سياسي اڳواڻ جي پارٽي اليڪشن کٽي ۽ جڏهن کيس اقتدار مليو، تہ دنيا ڏٺو تہ سندس دؤر حڪومت ۾ ڪُتا ماڻهو ۽ ماڻهو ڪُتا ٿي ويا.

*

# عظيم ۽ گهٽيا

ٻه ڄڻا پاڻ ۾ بحث ڪري رهيا هيا ۽ ٻه ڄڻا ٻڌي رهيا هيا.

هڪڙي چيو:

”عظيم اڳواڻ اُهو آهي، جيڪو ملڪ جي اندر رهي سياست ڪري ٿو“

ٻي چيو:

”عظيم اڳواڻ اهو آهي، جيڪو ملڪ کان ٻاهر رهي به سياست ڪري ٿو.“

ٻڌندڙن مان هڪ پڇيو:

”باقي گهٽيا ڪير آهي؟“

ٻي ٻڌندڙ وراڻيو:

”اسان جيڪي اِنهن تي بحث ڪري رهيا آهيون!“

*

# سياسي ٻار

هڪ سياسي رن کي ٻار ٻه ڄڻا هيا، ته ٻار ٻه.

جڏهن ڪيس ڄڻن ٻارن تنگ ڪرڻ شروع ڪيو، ته ڪنهن کي چنبو، ڪنهن کي ٻجو ۽ ڪنهن کي دڙڪو ڏيندي چيائين:

”خبر نه ٿي پئي ته ڪهڙا سياسي ڪارڪنن مان ۽ ڪهڙا ليڊرن منجهان آهيو! “

*

# سرموڙ اديب

ابوجهہ جڏهن هڪ ادبي پروگرام ۾ ڪنهن مرد اديب کي عورتاڻي انداز ۾ هلندي ۽ ڳالهائيندي ڏٺو، تہ هڪدم تبصرو ڪندي چيائين:

”هي تہ اڳيان مور ۽ پٺيان ڍيل ٿو لڳي، ڪير آهي؟“

”ائين ناهي چئبو“، سبوجهہ، ابوجهہ کي سمجهائيندي چيو.

”تہ ڇا چئبو آهي؟“، ابوجهہ کائنس پڇيو.

”جيڪو اڳيان مور وانگر ۽ پٺيان ڍيل وانگر ٿلي، اُن کي سنڌ جو سرموڙ اديب سڏبو آهي.“

❇

# اديب ۽ ليکڪ

هڪ شخص ڪنهن ليکڪ کان پڇيو:

”اوهان لکندا آهيو؟“

هن وراڻيو، ”ها!“

”اِن جو مطلب تہ اوهان اديب آهيو؟“

هن وراڻيو، ”نہ. . . ليکڪ!“

”تہ پوءِ اديب ڪير هوندا آهن؟“

”اسان وٽ اديب ٻن قسمن جا هوندا آهن، هڪڙا اُهي جيڪي ادبي ادارن کي ڳجهن جيان پٽيندارهن ۽ ٻيا اُهي جيڪي ثقافت کاتي کان خيرات وٺن!“

اُن شخص وراڻيو، ”هاڻي سمجهہ ۾ اچي ويو، تہ اديب ۽ ليکڪ ۾ ڪهڙو فرق آهي!“

*

# بي وقتو دانشور

هڪ دانشور جي تعزيتي ريفرنس تي، ٻيو دانشور ڳالهائيندي چيو:

”مرحوم وقت کان اڳ جو دانشور هيو. جنهن کي ٽيهن چاليهن سالن تائين، هيءَ جاهل قوم سمجهي نٿي سگهي!“

”اُن جو مطلب تہ مرحوم بي وقتو دانشور هيو!“

حاضرين مان ڪنهن عام شخص ڌيمي لفظن ۾ ورائيو.

❊

# قبرن جا ڪتبا

”تون اِهي ڪتاب ڇو ٿو لکين؟“ هڪ ملان عام ليکڪ کان پڇيو.

”بس لکڻ جي عادت آهي.“ عام ليکڪ جواب ڏنو.

” ڇا اِهي اجايا ڪتاب لکڻ، توکي قبر ۾ ڪم ايندا؟“ملان سوال ڪيس.

” قبر ۾ ڪم تہ نہ ايندا، پر اِهي ڪتاب منهنجي قبر جا ڪتبا ضرور بڻبا“ ليکڪ خاموشي سان جواب ڏنو.

ملان اِهو ٻڌي ليکڪ کي حيرت وچان ڏسندي هليو ويو

❋

# مشاهدو

هڪ فنڪار کان سندس دوست پڇيو:
”تون ايڏو نشو ڇو ٿو ڪرين، جو بار بار بيمار ٿي اسپتال ۾ داخل ٿئين ٿو؟“
فنڪار وراڻيو:
”اِن ڪري جو آءٌ موت جو مشاهدو ماڻڻ چاهيان ٿو.“
”پوءِ تون پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا تي اچي، علاج لاءِ اپيل ڇو ٿو ڪرين؟“
”اِن ڪري جو آءٌ زندگيءَ جو مشاهدو ڪرڻ چاهيان ٿو.“
فنڪار سادگيءَ سان جواب ڏنو.

*

# دانشور کي ٽائيم ڪونهي

لاڙڪاڻي جي مهراڻ هوٽل ۾ هڪ دانشور، چانھ جي چسڪي هڻندي، پنهنجي يارن دوستن کي زور ڀريندي چيو:

”يار، ڪجھ ڪيو، ائين هٿ تي هٿ رکي نہ ويهو.“

”ڇا ڪيون؟“سامهون ويٺل دوستن مان هڪ ڇڙي ڪائنس پڇيو.

”سنڌي ادب جي لاءِ ڪيو، تعليم جي لاءِ ڪيو، ثقافت لاءِ ڪيو، معاشيات لاءِ ڪيو، سياست لاءِ ڪيو.“ دانشور جذباتي انداز ۾ ٽيبل تي مُڪ هڻندي چيو.

”اوهان ڇو نہ ٿا ڪيو؟“سامهون ويٺل دوستن مان هڪ دوست ڪائنس پڇيو.

”مان ڪرڻ لاءِ تہ گھڻو ڪجھ ڪري سگھان ٿو، پر دراصل ڳالھ اِها آهي، تہ مون کي ٽائيم ڪونهي!“

❇

# ٽين اک

هڪ شخص اکين واري ڊاڪٽر ڏانهن ويو. ڊاڪٽر اکين جي تپاس ڪندي کائنس پڇيو:

” تنهنجي ٻنهي اکين جي نظر نهايت ڪمزور ٿي وئي آهي. تون ڇا ڪندو آهين؟“

”سائين مان ادب دوست آهيان. اِن ڪري ڪتاب پڙهندو آهيان.“

”تون خوامخواهه ايترا ڪتاب ڇو پڙهيا؟“

ڊاڪٽر سوال ڪيس.

”پنهنجي ڄاڻ وڌائڻ لاءِ۔چوندا آهن، تہ علم انسان جي ٽين اک آهي.“

”پوءِ تنهنجي ٽين اک کلي؟“

”ها ڊاڪٽر صاحب، ٿوري ٿوري!“

”پوءِ اُن ٽين اک سان تو ڇا ڏٺو؟“

” هر طرف اوندهہ انڌڪار ڏٺو.“

ڊاڪٽر صاحب سمجهائيندي چيس، ”آءٌ توکي ٻنهي اکين جي نظر جو نمبر لکي ٿو ڏيان، اُهو چشمو وچي وٺ ءِ ساڳي وقت توکي اِها بہ تاڪيد ٿو ڪيان، تہ هن معاشري ۾ ٽين اک کولڻ جي چڪر ۾ پنهنجيون ٻئي اکيون نہ وڃائجِ!“

❊

# دانشوراڻي ٻولي

چانهہ جي هوٽل تي هڪ دانشور ۽ ٻہ ٻيا عام ماڻهو ويٺا هيا. اُنهن منجهان هڪ پراڻو ايندڙ ۽ ٻيو نئون ايندڙ هيو. پراڻي ايندڙ ٽن چانهين جو آرڊر ڏنو. دانشور سياسي سماجي صورت حال تي تبصرو ڪرڻ شروع ڪيو:

”سڄو سماج نہ سمجهڻ واري صورتحال جو شڪار آهي. جيستائين معروضي حالات، رجحانات ۽ ميلانات وارن معاملن کي نہ سمجهبو. تيستائين معاشرتي ۽ سياسي معاملات کي نٿو سمجهي سگهجي، دانشور ڪلاڪ کن ڳالهائيندو رهيو. نئون آيل همراهہ آل ڪانوَ وانگر وات پٽي ڪيس ڏسندو رهيو. پراڻو ايندڙ همراهہ اتفاق ڪندي ڪنڌ ڌوڻيندو رهيو.

چانهہ پيئڻ کانپوءِ، دانشور اُن ٽيبل تان اُٿي، ٻي ٽيبل تي وڃي ويٺو. جتي اڳ ئي ٻہ ڄڻا سندس انتظار ۾ ويٺا هيا.

نئين آيل همراهہ، پراڻي ايندڙ همراهہ کان پڇيو:

”هُن ڇا پئي چيو، مون کي تہ ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو“

”هُن دانشوراڻي ٻولي پئي ڳالهائي. جيڪا عام ماڻهوءَ جي سمجهہ کان ڇڙهيل آهي.“

”پوءِ ھو عام ٻولي ڇو نہ ٿو ڳالھائي، جو مان بہ ڪيس سمجھي سگھان؟“ نئين آيل ھمراھہ سوال ڪندي پڇيو.

”تون ھن کي ڪڏھن بہ سمجھي نہ سگھندين؟“

”پر ڇو!؟؟“

”ڇو جو دانشورن جا لفظ وڏا ۽ جملا بي مقصد ھوندا آھن.
“

ھوٽل تي پراٽي ايندڙ وراٽيو.

❊

# انسانيت ۽ رواداريءَ خاطر

هڪ قاتل جي دوست، قاتل کان پڇيو:

” تون عجيب قسم جو قاتل آهين. تو جنهن کي قتل ڪيو، اُن لاءِ رڙيون ڪندي مطالبو ڪيو، تہ اُن جي قتل جي جاچ ڪرائي وڃي؟“

” مون اِهو سڀ ڪجهہ انسانيت جي ناتي سان ڪيو.“

قاتل جواب ڏنو

”۽ پوءِ وري مقتول جي تڏي تي ويهي، سندس عزيزن سان تعزيت بہ ڪئي!؟“ دوست پڇيس.

” مون اِهو سڀ ڪجهہ رواداريءَ جي تحت ڪيو. “ قاتل وراڻيو.

*

# تعريف جا بکيا

هڪ نئين دوست، ٻي کي چيو:

”آءٌ توسان مستقل بنيادن تي دوستي رکڻ چاهيان ٿو. مون کي اِهو ٻڌاءِ تہ مان اُها ڪهڙي ڳالهہ ڪيان، جنهن سان تون سدائين خوش رهين؟“

ٻي وراڻيو:

”چاهيان ٿو تہ جڏهن مان پنهنجي تعريف ڪيان، تہ تون خاموشيءَ سان ٻڌندو رهہ ۽ جڏهن وري مان پنهنجي تعريف ڪري بس ڪيان، تہ تون منهنجي تعريف ۾ شروع ٿي وڃ.“

پهرين چيو، ”پنهنجي دوستي هلي نہ سگهندي“

ٻي پڇيو، ”ڇو؟“

پهرين وراڻيو، ”مسئلو اِهو آهي، تہ مان بہ اِهو ئي چاهيان ٿو، جيڪو تون چاهين ٿو!“

*

# ايڪتا، ٻيڪتا، ٽيڪتا

هڪ پراڻي دوست (غير سنڌي) ٻي صوبي مان ٽيليفون ڪري سنڌي سٻاجهڙي کان پڇيو:

”اوهان سنڌين ايڪتا جو ڏينهن ڪيئن ملهايو؟“

سنڌي سٻاجهڙي وراڻيو، ”اسان ٻيڪتا ملهائي سي!“

”ٻيڪتا!؟“ هُن حيرانگيءَ وچان پڇيو.

سنڌي سٻاجهڙي وراڻيو، ”هڪ ڏينهن اسان پنهنجي ثقافتي اتحاد جي نالي سان ملهايو ۽ ٻيو ڏينهن سماجي اتحاد جي نالي سان.“

”حيرانگي آهي!“

”حيرانگي تہ توکي اڳلي سال ٿيندي.“

”اِهو وري ڪيئن؟“

” جڏهن اسان ٽيڪتا ملهائينداسي.“

”ٽيڪتا!؟ “ هن پهريائين پريشان ٿيندي پڇيو ۽ پوءِ هڪ زوردار ٽهڪ ڏئي ”خداحافظ!“ چئي ٽيليفون بند ڪري ڇڏي.

*

# پوءِ ڏايا

ٻہ پراڻا دوست ڪافي عرصي ڪانپوءِ زندگيءَ جي شاهراهہ تي مليا. هڪڙي ٻي جي سادن سودن ڪپڙن کي ڏسي چيو:

”لڳي ٿو، تہ تون اڃا سماجي آدرشن ۽ اصولن تحت پاڻ کي تنگدست رکيون ٿو اچين؟“

ٻي پهرين جي زرق برق ڪپڙن کي گهوريندي وراڻيو:

”لڳي ٿو تہ تون بي اصولي ۽ منافقي جي تحت پاڻ کي خوشحال رکيون ٿو اچين.“

پهرين چيس، ”ڪجهہ بہ سهي، پر تون اِهو تہ مڃيندين، تہ مان غربت جي لعنت کي پاڻ تان لاٿو آهي.“

ٻي مڃيندي چيو، ”بيشڪ“

پهرين پڇيس، ”تہ پوءِ تون پاڻ تان اِن لعنت کي لاهڻ جي جدوجهد ڇو نہ ٿو ڪرين؟“

ٻي وراڻيس، ”تو جهڙا پوءِ ڏايا لاهڻ ڏين تہ لاهيان نہ!؟“

*

# جدت پسند

هڪ همراهہ چيو، ”مان جدت پسند آهيان ان ڪري منهنجي زال مون سان انتها درجي جو پيار ڪندي آهي.“

ٻئي پڇيو، ”ڪيترو؟“

”جيترو ماءُ پنهنجي ٻار سان ڪندي آهي.“ پهرين شخص جواب ڏنو.

”تنهنجي ماءُ جيئري آهي؟“

”بالڪل!“

”تون واقعي جدت پسند آهين!“ ٻئي مشڪندي وراڻيو.

❊

# رحم دل

ھڪ ھمراھ چيو:

”منھنجي زال دنيا جي رحم دل عورت آھي.“

ٻئي پڇيس.

”اُن جو ثبوت؟“

پھرين ھمراھ وراڻيو:

”اُن جو ثبوت اِھو آھي، تہ آءٌ اجا زندہ آھيان.“

٭

## حجت

سائين ارباب شاهه اُها هستي هيو، جڏهن ته درياهه شاه بادشاهه سائينءَ جي درگاهه کي پائڻ جي ڪوشش ڪئي ته سائين اهڙي لت ٺوڪيندو هيس، جو درياه شاهه بادشاهه ڪيئي ڪوهه پٺتي هٽي ويندو هو.

وقت وقت جي ڳالهه آهي. پر هن ڀيري واري ٻوڏ ۾ درياهه شاهه بادشاهه درگاهه کي ورائي ويو، ته ابوجهه، وڏي دڙي تي چڙهي، اِهو منظر آبديده نظرن سان ڏسندي چوڻ لڳو:

”درياه شاهه بادشاهه اسان کي ته ٻوڙيو، پر سائين جي درگاهه کي به ٻوڙي ڇڏيو.“

” ائين نه چئه ته درياهه شاهه بادشاهه سائين جي درگاهه کي ٻوڙي ڇڏيو“ سپوجهه ڪيس سمجهايو.

”باقي، ڇا چوان؟“

” اِهو چئه ته، سائين جي قدمبوسيءَ لاءِ درگاهه ۾ گهريو آهي“

ٿوري دير ڪانپوءِ، ڏسندي ڏسندي درگاهه ڪري پئي، ته ابوجهه ڪان رڙ نڪري وئي:

”يا حسين!... سائين ارباب شاهه ڪي درياهه شاهه بادشاهه درگاهه سميت لوڙهي ويو“

” ائين نه چئه !“ سڀوجهه ابوجهه کي سمجهائيندي چيو:

” باقي ڇا چوان؟“

”ائين چئه ته درياهه شاهه بادشاهه سائين سان حجت ڪري ڪيس دعوت ڏئي پاڻ سان گڏ وٺي ويو آهي.“

*

# وقت وقت ڪي سلام آ

ڪنهن موٽيل وهي واري عورت، ٻي پاڻ جهڙي هرڻ جهاتيءَ کان پڇيو:
”ڇا حال آهي؟“
تہ اُن ٽڏو ساهہ ڀريندي چيو:
”جڏهن جواني هئي ۽ ڪو اڪ اٽڪائيندو هيو تہ پاڻ منهن ڦيري ڇڏيندي هيون سي ۽ هاڻي اسان ڪنهن سان اڪ اٽڪايون ٿيون، تہ اڳلو منهن ڦيري ڇڏي ٿو!“
پهرين گهرو ساهہ ڪڍندي وراڻيو:
”بس وقت وقت ڪي سلام آ!“

❊

# منافق

” منهنجو دوست گلاب جي گل جيان خوبصورت ۽ خوشبودار آهي.“

هڪ ماڻهو هڪ محفل ۾ پنهنجي دوست جي تعريف ڪندي چيو.

”بالڪل گلاب جي گل جيان!؟“

محفل ۾ ويٺل هڪ شخص رشڪ ڪائيندي پڇيو.

”ها، بالڪل گلاب جي گل جيان منافق، جيڪو خوشيءَ جي موقعي تي ڳچيءَ جو هار ۽ مرڻ کان پوءِ قبر جو سينگار بڻبو آهي. “

*

# ڪارگر ٻيڙي

” تون ٻڌو هوندو، تہ سچ جي ٻيڙي لڏندي آهي، ٻڏندي ڪونهي؟“

”جي گُرو!“چيلي وراڻيو

”۽ تون ٻڌو هوندو تہ ڪوڙجي ٻيڙي لڏندي ناهي، پر اوچتو ٻڏي ويندي آهي.“

”جي گرو!“

” پر جيڪا ٻيڙي درياهہ يا سمنڊ وچ ۾ رڳو لڏندي رهي ۽ ساحل تي نہ پهچي. ڇا تون ان ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿيندي؟“

”هر گز نہ!“

”ڇا تون اُن ٻيڙي ۾ نہ چڙهندين، جنهن ۾ توکي ڏن دولت جي لائف سيونگ جيڪٽ پاتل هجي ۽ اُها ٻيڙي تيزيءَ سان ساحل جي ڀرسان اچي ٻڏي ۽ پوءِ اُن لائف سيونگ جيڪٽ جي سهاري تون ترندو اچي ساحل تي پهچين ...؟ “

”بالڪل چڙهندس، گُرو!“

”تہ پوءِ ٻڌاءِ چيلا، اِن سڄي بحث مان ڇا ثابت ٿيو؟“

”گُرو، اِن مان ثابت ٿيو، تہ ڪوڙ جي ٻيڙي وڌيڪ ڪارگر آهي!“

# شڪايت ۽ انصاف

هڪ شخص ڪورٽ سڳوري جي احاطي ۾ ويٺي شڪايت ڪئي :

”هتي انصاف مفت ۾ نٿو ملي سگهي، ڇا ڪجي؟“

اُتي ويٺل هڪ همراهه صلاح ڏيندي چيس، ”مفت ۾ نه ٿو ملي، ته پئسن سان خريد ڪر!“

”انصاف خريد ڪرڻ لاءِ پئسا ڪونهن.“ اُن شخص پنهنجي تنگدست هجڻ جي شڪايت ڪئي.

”اِنهن پئسن کي حاصل ڪرڻ لاءِ، هر ڏوهه ڪر!“

اُن همراهه صلاح ڏيندي چيس.

هُن سندس صلاح تي عمل ڪيو ۽ پوءِ ڪيس ڪورٽ مان انصاف نه ملڻ جي ڪڏهن به شڪايت نه رهي.

*

# انسان ۽ حيوان

گُرو چئي رهيو هيو:
”حيوان اُتي رهندو، جتي ٽي شيون هونديون.“
”ڪهڙيون؟“ چيلي پڇيو.
”جتي ڪاڌ خوراڪ، صاف پاڻي ۽ امن هوندو.“ گرو وراڻيو.
”۽ انسان؟“ چيلي سوال ڪيو.
”انسان به اُتي رهندو، جتي ٽي شيون هونديون.“
”ڪهڙيون؟“ چيلي پڇيو
”جتي حوس، آنا ۽ لالچ هوندي.“

❊

# پلو پار

”آءُ پلي پار ٿو وڃان، سوچيم، توکان موڪلائي پوءِ وڃان.“

هڪ شخص پنهنجي پراڻي دوست کان موڪلائيندي چيو.

”مڪي مديني تياري آهي؟“ پراڻي دوست پڇيس

”نہ ...!“

”ڪربلا معليٰ!؟“

”بالڪل نہ!“

”بيت المقدس؟“

”اصلي نہ !“

”تہ پوءِ ڪهڙي پلي پار ٿو وڃين؟“

”يونائيٽيڊ اسٽيٽس آف آمريڪا!“ ان شخص خوش ٿيندي ٻڌايس.

ٻئي دوست پاڪر پائيندي چيس :

”مبارڪ ٿي ...“

✻

# فرمانبردار شخصيت

هڪ مجلس ۾، ڪنهن سياڻي سيبتي ماڻهو، پنهنجي تجربي ۽ مشاهدي تحت نصيحت وارا نقطا پئي ٻڌايا:

”اوهان فرمانبرداري جي مٿانهين منزل تي رسي سگهو ٿا. جيڪڏهن اوهان ٽن ڳالهين تي عمل ڪيو!“

”ڪهڙيون؟“ حاضرين مجلس مان ڪنهن سوال ڪيس.

هُن ٻڌايو، ”هن دنيا ڪي پيءُ جي ذهن سان سوچيو، ماءُ جي ڪنن سان ٻڌو ۽ زال جي اک سان ڏسو.“

”۽ پنهنجي شخصيت؟“ حاضرين مجلس مان ڪنهن سوال ڪيو.

فرمانبردار ماڻهوءَ جي ڪابہ شخصيت ناهي ٿيندي.“ سيبتي ماڻهو وراڻيو.

*

# ڏوهاري پيءُ جي پٽ کي نصيحت

هڪ خانداني ڏوهاري مرڻ کان اڳ پنهنجي نوجوان پٽ کي نصيحت ڪندي چيو:

”پٽ، جيڪڏهن تون چوري ڪرين، تہ ڌاڙو نہ هڻجانءِ، پر جي دل جي چوڻ تي ڌاڙو هڻين ٿو، تہ اغوا نہ ڪجانءِ، پر جي اغوا ڪرين ٿو تہ قتل نہ ڪجانءِ، پر جي مجبوري ۾ قتل ڪرين تہ ڀيو نہ ڪجانءِ، جي ڀيو ڪرين ٿو تہ ٺيون نہ ڪجانءِ، پر جي ٺيون ڪرين تہ پوءِ ڪنهن طاقت ور سياسي پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪجانءِ.... انشاالله اُتي توکي عزت، نيڪ نامي ۽ تحفظ ملندو. “

”ها بابا، مان اوهان جي نصيحت تي پورو پورو عمل ڪندس.“

پٽ، ڏوهاريءَ پيءُ جي نصيحت دل سان هنڊائيندي واعدو ڪيو.

*

# الفائده

هڪ ڊگهي ڏاڙهي واري همراهہ ڪان، انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي، ڪنهن انٽيليجنس ايجنسي جي آفيسر پڇيو:

”تنهنجو تعلق القائده تنظيم سان تہ ناهي؟“

ڊگهي ڏاڙهي واري همراه وراڻيو، ”بالڪل نہ!“

”ٻي ڪنهن تنظيم سان؟“

”ها، هڪ سان ضرور آهي“

”ڪهڙي؟“

الفائده سان!“

”الفائده وري ڇاآهي؟“ انٽيليجنس آفيسر حيرانگيءَ وچان پڇيس.

”الفائده جو مطلب آهي، جتي فائدو ڏسو اُتي فٽ ٿي وڃو!“

اِهو جواب ٻڌي، انٽيليجنس آفيسر ٺهڪ ڏيندي ڪيس هڪدم ڪليئرنس ڏئي ڇڏي.

*

# زال جو ستايل خودڪش بمبار

پاڙي جي مسجد جي ملان نظير احمد، هڪ ڏينهن مسجد ۾ اعلان ڪري، سڄي جماعت کي حيران ڪري ڇڏيو، تہ هو خودڪش بمبار ٿيڻ ٿو چاهي.

”سبب !؟“ هڪ جماعتي ڪائنس با ادب ٿي پڇيو.

وراڻيائين، ”جنت ۾ وڃڻ چاهيان ٿو.“

” ايڏي تڪڙ!؟“ ڪنهن جماعتي سوال ڪيس.

”پنهنجي بدصورت ۽ بد بخت زال جو منهن ڏسي ڏسي بيزار ٿي پيو آهيان!“ ملان جذباتي انداز ۾ جواب ڏنو.

*

# قراقلي ٽوپي

هڪ بگھڙ قراقلي ٽوپي مٿي تي رکي اعلان ڪيو:

”صدين کان وٺي اسان ويچارين غريب رڍن کي ڪاڄو آهي ۽ سندن استحصال ڪيو آهي. پر جڏهن کان وٺي پاڻ هيءَ شرافت جي ٽوپي مٿي تي رکي آهي، اُن ڏينهن کان وٺي اِهو واعدو ڪيو آهي، تہ هاڻي رڍن کي نہ کائبو، پر انهن جي رکوالي ڪبي.“

سڀني رڍن ۾ گھڻن خوشيءَ ۾ ٻيڪات ڪيا، سواءِ هڪ ڍڪي رڍ جي، جنهن جي نظر بگھڙ جي پھريل قراقلي ٽوپي تي هئي، سا خوف وچان ڪنبڻ لڳي.

*

# انساني جنوني روبوٽ

پئرس جي ”لُور“ ميوزيم اندر گهمندي گهمندي ٻہ سياح ساهي پٽڻ لاءِ رکيل صوفي تي ويٺا. ٻئي اجنبي هيا. ٻنهي هڪ ٻئي کي مشڪي”هاءِ!“چيو. ان ڪانپوءِ مرد سياح، عورت سياح کان پڇيو:

”اوهان جو تعلق ڪهڙي ملڪ سان آهي؟“

عورت وراڻيو، ”جتي دنيا ۾ گهڻي ۾ گهڻا ڪمپيوٽرائزڊ مشيني روبوٽ ٺهندا آهن.“

مرد وراڻيو، ”مان سمجهي ويس، تہ اوهان جو تعلق جاپان سان آهي.“

عورت چيو، ”صحيح سڃاتو ... اوهان ٻڌايو تہ اوهان جو تعلق ڪهڙي ملڪ سان آهي؟“

مرد وراڻيو، ”جتي وڏ ۾ وڏ انساني جنوني روبوٽ ٺهندا آهن ۽ خودڪش حملا ڪندا آهن.“

عورت وراڻيو، ”مان سمجهي ويس، تہ توهانجو تعلق ڪهڙي ملڪ سان آهي!“

*

# مارئي ملير جي

ڀالوا ۾ مارئي جو ميلو لڳل هيو. ڪوهہ تي سڄي سنڌ جا ماڻهو ويٺا تبصرو ڪري رهيا هيا.

اتراڏي چيو، ”جي اسان جي پاسي عمر ماروي وارو واقعو ٿئي ها، تہ پنهي ڄڻن کي ڪارو ڪاري قرار ڏئي قتل ڪيو وڃي ها.“

لاڙي چيو، ”اسان وٽ عمر تي وڏو ڏنڊ لڳي ها. ڏنڊ ۾ بادشاهي هلي وڃيس ها ۽ مارئي بہ وڏي اگهہ وڪامجي ها.“

وچولي واري چيو، ”جي اسان وٽ اِهو واقعو ٿئي ها، تہ عمر کي سنڌ مان لڏائي ڇڏجي ها ۽ مارئي ڪنهن پير جي ڪوٽ ۾ قابو ٿئي ها ۽ ڪڏهن بہ نہ نڪري سگهي ها.“

ڪوهستاني چيو، ”اسان وٽ جي اِهو قصو ٿئي ها، تہ عمر تي سؤ سڱ چٽي رکجي ها ۽ مارئي کي ابتو ڪهي، پهاڙن تان اڇلائجي ها.“

ٿري وراڻيو، ”ڀائي، تڏهن تہ مارئي توهان وٽ نہ ڄائي، جو توهان جي افعالن جي ازل کان خبر هيس.“

*

# خوني انقلاب کانسواءِ چارو ڪونهي

هڪ ظالم، مظلوم کي ماري رهيو هيو، ته مظلوم سندس ڪاڏيءَ تي هٿ رکي سمجهائيندي چيس:

”ڏاهو ٿيءُ!. . . بنيادي حقن جي لتاڙ نه ڪر ... زنده رهه ۽ ٻين کي به زنده رهڻ ڏي!“ ظالم ڪاڏي تان مظلوم جو هٿ پرتي ڪندي چيو:

”مان پنهنجو فطرتي حق استعمال ڪيان ٿو“

مظلوم حيرانگيءَ وچان پڇيس، ”اِهو ڪيئن؟“

ظالم وراڻيو، ”ڳاهه ڪي رڍ کائي ٿي... رڍ کي بگهڙ... بگهڙ کي شينهن ماري ٿو... شينهن کي ماڻهو... ۽ ماڻهوءَ کي عزرائيل...هر طاقتور ڪمزور کي مارڻ جو فطري حق رکي ٿو. ان فطري حق جي تحت آءٌ توکي ماريان ٿو، جو تون ڪمزور ۽ مان طاقتور آهيان. “

اِهو چئي ظالم مظلوم کي مارڻ لڳو. ان وقت مظلوم سنجيدگيءَ سان سوچڻ لڳو، ته ظلم ۽ زيادتي کي ختم ڪرڻ لاءِ خوني انقلاب کان سواءِ ڪو چارو ڪونهي.

*

# سنڌي سٻاجھڙو

سنڌي سٻاجھڙو، جيڪو زندگيءَ جي ڇڙواڻي تي پريشان حال ويٺو هيو. تنهن سوچيو، ڪاٿ ڪا راهه وٺڻ گهرجي، ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻ گهرجي. اِهو سوچي هو ڏکڻ طرف هلڻ لڳو، ته واٽ تي هڪ سياڻو سيبتو همراهه مليس . تنهن حال احوال وٺڻ کان پوءِ کيس سختي سان منع ڪئي ته ڏکڻ پاسي اجهل سمونڊ آهي. جيڪو نهايت پر خطر آهي. جنهن ڪيترائي غوراب ماڻهن سوڌا غرق ڪري ڇڏيا آهن.

سنڌي سٻاجھڙي ڏکڻ وارو رستو ڇڏي اتر طرف هلڻ لڳو ته واٽ تي کيس هڪ جهانديده راهبر ملي ويو. تنهن سندس ارادا معلوم ڪري کيس سمجهايو ته اتر طرف هرگز هرگز نه وڃي، جو اتر طرف وڃڻ، موت کي دعوت ڏيڻ جي برابر آهي. ڇو ته اتان جو ماحول ظالم ۽ هوائون بي رحم آهي.سنڌي سٻاجھڙي اتر جي واٽ ڇڏي، پورب جو گس ورتو، ته کيس ساڃاهوند سونهون ملي ويو. تنهن ٻڌايس، ته هو جنهن راهه جو راهي آهي، اُهو رڃ ۽ ريگستان جو سفر آهي. هو

هلندي مرگهہ ترشنا جو شڪار ٿي ويندو. سنڌي سڀاجهڙو پورب جو پنڌ چڙي، اولهہ طرف رخ رڪيو. اجا هو پهاڙن جي دامن ۾ پهتو، تہ سندس ملاقات هڪ مهان ڏاهي سان ٿي. جڏهن هن پنهنجي دل ڪولي اُن جي سامهون رکي تہ هن ٻڌايس تہ اڳتي آڏ تراڇا آهڙا ڏونگر کي ڏاڪا ٿي جيڪڏهن سندس پير ٿڙڪيو تہ ٻاتي پر لڳندو ۽ سندس مٽڪو پيچي پوندو.

سنڌي سڀاجهڙي اِهو ٻڌي، پنهنجي دل دٻلي ۾ رکي ٿڙڪندو واپس موٽيو ۽ زندگيءَ جي چؤواٽي تي لت ڏئي سمهي پيو.

*

# مان سمهيو ڪٿي آهيان

هڪڙي انقلابي سنڌي سٻاجهڙي کي ستل ڏسي زور زور سان نعرا هنيا،

’جاڳ سنڌي جاڳ ...!“

سنڌي سٻاجهڙي اُٿي وراڻيو،

”ادا! مان تہ ائين ئي آهليو پيو هيس، سمهيو ڪٿي آهيان !“

”پوءِ پورن پنج هزار سالن کان وٺي ڇا پئي ڪيئي؟“ انقلابي ، تاريخي سوال ڪندي ڇڙٻ ڏنس.

سنڌي سٻاجهڙي وراڻيو، ’رات جو مڇرن سمهڻ نہ ڏنو، ڏينهن مکين هڪلڻ ۾ پورو ٿي ويو. باقي رهي سهي ڪسر اوهان جي نعرن ڪڍي ڇڏي ...!“

*

# ڪير پنهنجو، ڪير پرايو

هڪ حسين بيوهہ کي، ڪنهن محفل ۾ هڪ بزرگ شخص سمجهائيندي چيو،

”ٻڌو آهي،تہ اڄ ڪلهہ تون پراون ماڻهن سان راتيون گذارين ٿي. توکي پنهنجي مرحوم مڙس جي عزت جو خيال ڪرڻ کپي.“

حسين بيوهہ سرد آهہ ڀريندي وراڻيو، ”محبوب مڙس جي مرڻ کان پوءِ هوش ئي ناهي رهيو،تہ ڪير پنهنجو آ، ڪير پرايو آ...!“

❊

## سبحان الله!

خليفي چيو:
پير سائين، جي ڪوڙ ڳالهائي ته به سچ هوندو آهي ۽ جي سچ ڳالهائي ته پوءِ مَڇُ هوندو آهي.“
سيني ويٺل مريدين زور سان چيو،
”سبحان الله!“

*

## اڄوڪي اخبارن جي هڪ حيرتناڪ خبر

ٻه قرب جا بکيا، قرب ونڊيندي گرفتار ٿي ويا.

*

## ٻہ وڏا ڪوڙا

هڪڙي ڪوڙي دعويٰ ڪئي:
مان هٿ جو ڪوڙ ٺاهي هٽان، تہ پڪي ٺي وڃي.“
ٻئي چيو، ”مان هٿ جو ڪوڙ ٺاهي هٽان، تہ بندوق ٺي وڃي.“
پهرين ڪوڙي هٿ جو ڪوڙ ٺاهي هنيو تہ پڪي ٺي ويو، پر بنا پرن جي.
ٻئي ڪوڙي هٿ جو ڪوڙ ٺاهي هنيو تہ بندوق ٺي وئي، پر بنا ڪارتوسن جي ..!

❊

# صفا صحافي

هڪڙا صحافي هوٽل تي ڪچهري ڪندي بد شد ڳالهائي رهيا هيا. پرسان واري ٽيبل تي ويٺل همراهن ڪين گذارش ڪندي چيو، ”سائين، ڪجهه ماٺهو ٿيو! فضيلت سان ڳالهايو.“

بد شد ڳالهائڻ وارن وراڻيو:

”اسان صحافي آهيون، جئين وڻندو، تئين ڳالهائينداسي.“

*

# بزدل سواري

ڪراچي کان حيدرآباد ڏانهن ويندڙ بس، جيئن ئي ڪانوڙ واري سنگل روڊ تي چڙهي تہ بس کي جهٽ پر لڳي ويا. وڏن ٽرالن ۽ ٽرڪن جر وچ مان بس ائين گهتون هٽي هلڻ لڳي، جيئن چمڙا رات جي اونداهي ۾ اُڏامندا آهن. ڪڏهن اوچتو بريڪ، جو ماڻهن جا مٿا وچي اڳين سيٽن تي لڳن، تہ ڪڏهن اهڙو ڪٽ جو ماڻهو هڪ ٻئي جي مٿان سٽجي وڃن. هڪ ٻہ دفعو تہ ماڻهو اهڙن جهٽڪن کي برداشت ڪري ويا. پر جڏهن ٽيون دفعو هڪ زوردار بريڪ سان گڏ ڪٽ لڳو تہ ٽائرن مان چيڪٽ ۽ دونهان نڪري ويا. ماڻهو ڪاوڙ ۾اُٺي بيٺا ۽ ڊرائيور کي چوڻ لڳا:

”انڌن وانگر گاڏي ٿو هلائين ... سيني کي مارينديں ڇا ...؟ شرافت سان گاڏي هلاءِ ...!“

ڊرائيور هڪ نهايت خطرناڪ بريڪ هڻي گاڏي بيهاري، جو ماڻهو لڙهڪندي بچيا. پوءِ خونخوار نظرن سان پٺتي نهاريندي چيائين:

”زندگي ۽ موت خدا جي هٿ آهي. ڪو ڊرائيور جي هٿ ۾ ناهي. سڀ جو سڀ لهي وڃو، مان بزدل سواريءَ کي ناهيان ويهاريندو!“

اِهو ٻڌي سڀ ماڻهو دلير ٿي ويهي رهيا.

*

# اڳ ڳٽتي

ڪراچي شهر جي هڪ شهري، ٻي شهريءَ کي چيو:
”ٽي وي تي ڏيکارن ٿا، تہ سنڌ ۾ وڏي ٻوڏ آئي آهي. ٻهراڙي جي ماڻهن شهر جو رخ رکيو آهي.“

ٻي شهري وراڻيو، ”مسئلو ٻوڏ جو ناهي، پر مسئلو اِهو آهي، تہ جي ٻهراڙيءَ جا ماڻهو شهر ۾ ڪاهي پيا، تہ اسان جو ڇا ٿيندو؟“

❊

# شهري ۽ ڳوٺاڻا

ٻہ ڳوٺاڻا، ڳوٺ جي گهاٽي نم جي ڇانوَ هيٺان ڪچهري ڪري رهيا هيا.

هڪ ڳوٺاڻي چيو: ”پاڪستان ۽ هندوستان جي ڇڪتاڻ وڌندي وڃي ٿي، لڳي ٿو جنگ لڳندي.“

ٻي ڳوٺاڻي وراڻيو، ”هن ڀيري واري جنگ، عام جنگ نہ هوندي، ٻئي ملڪ ايٽم بمن جو استعمال ڪندا.“

پهريائن ڳوٺاڻي تشويش وچان سوال ڪيو، ”اِهي بم اسان جي ڳوٺن تي، تہ نہ ڪرندا نہ؟“

”تون ڳڻتي نہ ڪر، اِهي بم ٻئي ملڪ هڪ ٻئي جي وڏن شهرن تي هڻندا.“ ٻي ڳوٺاڻي ڪيس اطمينان ڏياريو.

پهرين ڳوٺاڻي وراڻيو، ”ڀلي شهرن تي بم لڳن ، اسان جو ڇا!“

*

# سيئي اڻ سڌريل

هڪ ڏينهن ڪراما ڪاتبين (ملائڪ سڀڳورا) حضرت انسان جي ڪلهن تان لهي سندس سامهون ٿي بيٺا ۽ ڪيس سمجهائڻ لڳا:

” اي حضرت انسان، تون اجا تائين ناهين سڌريو. گناهن مٿان گناهه ڪندو ٿو رهين، پر پوءِ به تنهنجي گناهن ڪرڻ واري خواهش اجا ختم ناهي ٿي.“

حضرت انسان جواب ڏنو:

” جي مان نه سڌريو آهيان، ته اوهان وري ڪهڙا سڌريا آهيو. توهان به ته چغل خوري وارو ڌنڌو اجا تائين ناهي ڇڏيو!“

*

## ’مان مان‘، ’تون تون‘!

خدا بندي کان پڇيو:
”مان ڇا آهيان، تون ڇا آهين؟“
بندي وراڻيو:
”مان مان آهيان، تون تون آهين“

*

# مشرڪ

ڪنهن مردِ مومن ڪنهن صوفيءَ کي چيو:
”اوهان صوفي شرڪ ڦهلايو ٿا، اوهان بدعتي آهيو.“
صوفي وراڻيو، ”، اسان ان کان به وڌ، يعني بذات خود بدعت آهيو.“
”پوءِ ضروري آهي، ته اوهان جهڙن مشرڪن خلاف جهاد ڪري، اوهان کي صفحه هستيءَ تان مٽائي ڇڏجي.“ مردِ مومن جوش ۾ ايندي وراڻيو.
”اوهان جي مهرباني ٿيندي، ڇو ته اسان جي به اِها ڪوشش آهي، ته پنهنجي هستيءَ کي مٽائي، اُن کي ظاهر ڪيون، جنهن وٽ ڪا پيائي ڪونهي.“

*

# وڏائي

هڪ غريب شخص، هڪ صوفيءَ وٽ آيو ۽ کائنس پڇيائين:

”صوفي صاحب، خدا کي اسان ٻاڏايون ٻه گهڻو ٿا، پر خدا اسان کي ٻڌي ئي نٿو. جڏهن تہ وڏا ماڻهو ڪيس ياد ٻہ گهٽ ڪن ٿا. پر ٻڌي اُنهن جي گهڻي ٿو، سو ڇو؟“

صوفي جواب ڏنو، ”خدا وڏو آهي. اِن ڪري وڏو وڏن جي ٻڌندو.... ننڍن جي ڇو ٻڌندو!!؟“

*

# ملان اجا فائدي ۾ آهي

هڪ ملان موجوده دؤر تي تبصرو ڪندي چيو:

”مذهب جي دُوري انسان کي تباهہ طرف وٺي وڃي رهي آهي. تڏهن تہ قرآن ۾ لکيل آهي، ’بيشڪ انسان خساري ۾ آهي.‘

صوفي وراڻيو، ”بيشڪ انسان خساري ۾ آهي، پر ملان نہ!“

*

## زنده هستي

”هي دنيا ڪنهن جي محابي تہ هلي ٿي. نہ تہ هيءَ دنيا ڪڏهن جو تباھہ ٿي وڃي ها.“

پير صاحب، محفل ۾ ويٺل ماڻهن کي رازداريءَ سان ٻڌائيندي چيو:

”اُها ڪھڙي زنده هستي آ، جنهن جي ڪري، هيءَ دنيا هلي رهي آهي؟“

محفل ۾ ويٺل هڪ ماڻهو زور ڀريندي پير صاحب کان پڇيو.

”اوهان سڀئي واعدو ڪيو، تہ ڪنهن کي نہ ٻڌائيندا!؟“

محفل ۾ ويٺل سڀني ماڻهن واعدو ڪيو، تہ اُهي ڪنهن کي نہ ٻڌائيندا.

پير صاحب واعدي وٺڻ کانپوءِ، ڪين انتهائي رازداريءَ سان ٻڌايو:

”اُها عظيم هستي آءٌ پاڻ آهيان ... هاڻي آ اوهان جي مرضي يقين ڪيو يا نہ!“

*

## سوچيندين تہ سمجھ ۾ اچي ويندءُ

صوفي فولاد فقير وٽ هرسوال جو جواب موجود آهي. اِهو ٻڌي هڪ شخص، فولاد فقير وٽ آيو ۽ کائنس سوال ڪيائين:

”فولاد فقير، سڄي دنيا جا ماڻهو الله کي هر روز پاڏائن ٿا، تہ سندن حالتِ زار تي رحم فرمائي. کيس پستين مان ڪڍي، بلنديءَ تي پهچائي، کين ڪافرن جي مٿان غالب ڪري. پر پوءِ بہ الله تعالي کنهن هڪ مومن مسلمان جي نٿو ٻڌي ...؟ سو ڇو ...؟پر جواب ڏيڻ کان اڳ هڪ ڳالھ ٻڌي ڇڏ فولاد فقير! تہ مان ملن وارو اهو رٽيل پٽيل جواب هرگز ٻڌڻ لاءِ تيار نہ آهيان، تہ اِهو سڀ ڪجھ الله جي طرف کان امتحان يا آزمائش آهي.“

فولاد فقير اِهو سوال ٻڌي مشڪيو ۽ پوءِ کيس رازداريءَ واري انداز ۾ ٻڌايو:

”دراصل خدا ٻڌي ٿو ۽ ملائڪ سڀڱورن کي باقائده حڪم ٿو ڪري، تہ وڃي مومن مسلمانن جي مدد ڪريو. پر ملائڪ سڀڱورا ڪافرن کي مسلمان ۽ مسلمانن کي ڪافر سمجھن ٿا.“

ان شخص وراڻيو، ”اِها ڳالھ سمجھ ۾ نہ آئي.“

فولاد فقير وراڻيو، ”پنهنجن افعالن تي سوچيندين تہ سمجھ اچي ويندءُ.“

*

## خدا جي ڳولا ۾

هڪ بندي خدا جي ڳولا ۾ ايڏا ڪشالا ڪڍيا ۽ ڪشٽ ڪڍيا جو ملائڪن خدا کي عرض ڪيو، تہ ”سائين! هن تي ڪهل ڪيو.“

خدا وراڻيو، ’اِن کري ڳولهي ٿو، جو لالچ اٿس، اِن کري ڪشٽ ۽ ڪشالن واري ئي سزا ان لاءِ ڪافي آهي!“

*

# مالڪن جا قرب

هڪ صوفي چوراهي تہ اونڌي منجي ڪيون ويٺو هيو. ڪنهن پڇيس:

”ائين اونڌي منجي ڪيون، چوراهي تي ڇو ويٺو آهين!؟“

هڪدم وراڻيائين، ”مالڪن جي مرضي آهي، اونڌي منجي تي ويهارين يا سنئين منجي تي ...“

پڇندڙ همراهہ چيس:

”جي مالڪن جا اهڙا قرب ٿي، تہ تو بہ ڪلياڻ نہ ڪيو ...!!“

❊

# عاشق ۽ معشوقن جا ڪھڙا ليکا

ھڪ صوفي ۽ محقق گڏجي ڀنڀور گھمڻ ويا.
ڀنڀور جا آثار گھمندي صوفي چيو:
”نہ سسئي عاشق ٿئي ھا، ۽نہ وري ڪشالا ڪٽي ھا.“
محقق سندس بيان کي درست ڪندي چيو:
”قصو تہ اِھو ٻڌائي ٿو، تہ پنھون عاشق ھيو ۽ سسئي معشوقہ.“
صوفي وراڻيو، ”ڪشٽ ۽ ڪشالا عاشق ڪٽيندو آھي، معشوق تہ جورو جفا ڪندو آھي. ھونئن بہ مزاجي عشق عورت ڪري ڄاڻي، مرد کي ڪھڙي خبر.“
محقق جواب ڏنو، ”انساني عشق جي تاريخ ٻڌائي ٿي، تہ مزاجي عشق جي شروعات مرد کان ٿي. اِن ڪري تاريخي طور تي مرد وڏو عاشق آھي.“
ھڪ سائيٽ اٽينڊنٽ، جيڪو پرسان بيٺو ھيو، سو پاڻ جھلي نہ سگھيو، تنھن وراڻيو:

”ٻئي عاشق معشوق هيا. هڪ ابتدا ڪئي، ٻئي انتها. سو سائين! عاشقن ۽ معشوقن جا ڪهڙا ليکا، جو توهان ليکا ٿا ڪيو!؟“

اِهو ٻڌي صوفي ۽ محقق ڏاڍا شڪي ٿيا.

❊

# ڇُري ۽ گدرو

سرڪاري باس پنهنجي ماتحت کي سمجهائيندي چيو:

”ماتحت گدري جي مثال آهي ۽ باس ڇُري جيان آهي. جي گدرو ڪري ڇُري تي، تہ بہ گدري کي نقصان.جي ڇُري ڪري گدري تي، تہ بہ گدري کي نقصان“

ماتحت وراڻيو:

”سر، جي گدري مٿان سياسي اسٽيل جو تہ چڙهيل هجي تہ پوءِ؟“

باس هڪدم وراڻيو :

”ڇُري بہ گدري جي اڳ پٺ ڏسي، پوءِ ڪرندي آهي“

❊

# ديسي گڏهه

مان جيئن ئي آفيس پهتس، ڏٺم ته منهنجي آفيس جو نائب قاصد رمضان ڪنهن ڳوڙهي سوچ وچان مٿي کي هٿ ڏئي ويٺو هيو. مون سوچيو، ’اڄ وري موڪل وٺڻ لاءِ ڪو نه ڪو بهانو ڪندو.‘

پڇيومانس، ”رمضان خير ته آهي، ائين گمُ سمُ لڳو ويٺو آهين؟“

”اي سائين، ڳالهه نه پڇ ... ! اڄ ويو هيس اُن باغ ۾ جتي جانور ۽ پکي هوندا آهن“

”چڙيا گهر ۾ ... پوءِ؟“ مون سمجهندي وراڻيو.

”اُتي بي انصافي ڏسي، ڏاڍو ارمان ٿيو“

”ڪهڙي بي انصافي!؟“

” اي سائين، هڪ پڃري ۾ ڏٺم ته آفريڪي پٽاپٽي گڏهه پيا ڊوڙين. ڇا چئبو آهي نيا ڳن ڪي؟“

”زيبرا“

”ها، اِهي ... جيبرا“

”پوءِ؟“

”غور سان ڏٺم، ته ٻئي ماديون!“

”پر اِن ۾ ناانصافي ڇاجي، نر زيبرا نہ مليا هوندن!“ مون ڪيس سمجهائيندي چيو

”اي سائين، نر زيبرا نہ هيا، تہ پنهنجا ديسي گڏهہ تہ موجود هيا. اُنهن کي ئي پيجري ۾ وجهن ها، تہ جوڙ نهي وڃن ها.“رمضان وراڻيو.

” پوءِ تون اِها تجويز چڙيا گهر وارن کي ڇو نہ ڏني؟“مون کائنس سوال ڪيو

”اي سائين، اِها ڳالهہ منهنجي ذهن ۾ آئي تہ سهي، پر پوءِ سوچيم، پنهنجا ديسي گڏهہ ڪير ڏسڻ ايندو؟“ رمضان وراڻيو.

*

# محمود و اياز

سرڪاري باس جا ماتحت، جڏهن مسجد مان نماز پڙهي نڪتا، ته ماتحت چيو،

”سر، گڏجي نماز پڙهڻ ۾ ڪيڏو نه سڪون آهي.“

باس وراڻيو، ”بيشڪ، محمود ۽ اياز ۾ فرق ئي نٿو رهي.“

ماتحت چيو، ”جيڪڏهن اِهو فرق رشوت وٺڻ ۾ به نه هجي ته ڪيڏو نه وڏيڪ سڪون ملي.“

باس وراڻيو، ”جي سڀ فرق ختم ٿي وڃن ته پوءِ محمود محمود نه رهندو، اياز اياز نه رهندو!“

*

# پراڻو شهري ۽ شهري رٿابندي جو ماهر

”مون کي هاڻ هت ڪير به نٿو سڃاڻي ... مان پنهنجي ئي شهر ۾ اجنبي ٿي ويو آهيان. مون کي ويڳاڻپ ۽ وائڙائپ ذهني مريض ڪري ڇڏيو آهي. مهرباني ڪري ڪا اهڙي رٿابندي ڪيو، جو مون کي منهنجي شناخت ملي.“ هڪ پراڻي شهري، رٿابندي جي ماهر کي ليلائيندي چيو.

رٿابندي جي ماهر وراڻيو، ”جڏهن تون ننڍو هئين، ته تنهنجي شهر جي آبادي لک کن مس هئي. اِها منهنجي ئي رٿابندي آهي، جو تنهنجو شهر ڪيترن ئي لکن تي مشتمل آهي. جڏهن تون اجا ٻار هئين، ته تنهنجي شهر جي پکيڙ چند چورس ڪلوميٽر مس هئي، اڄ تنهنجي شهر جي پکيڙ چاليهه چورس ڪلوميٽرن کان به مٿي آهي. اڳي تنهنجي شهر جي ٻاهران جهنگ ئي جهنگ هيو. هاڻي تنهنجي شهر ٻاهران ڪيئي رهائشي ڪالونيون ڪنڀين وانگر نڪري آيون آهن. اِن کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي رٿابندي ڪيان؟“

پراڻي شهري تنقيد ڪندي چيو:

”تنهنجي اِن رٿابندي جي ڪري، منهنجي شهر جي آبادي سهڪڻ لڳي آهي. شهر جي ڦهلاءُ ماڻهن کي منجهائي ماريو آهي. رڪشائن ۽ گاڏين جي شور ڪري ماڻهن هڪ ٻئي کي ٻڌڻ ڇڏي ڏنو آهي. مٿيءَ ۽ دونهين جي غبار ڪري ڏسڻ کان معذور آهن. نين رهائشي ڪالونين، فطرتي سونهن کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. هيءَ ڪهڙي رٿابندي آهي، جيڪا ماڻهوءَ کان ماڻهپو ۽ خوبصورتي کسي رهي آهي؟“

”توهان پراڻا شهري کوهه جا ڏيڏر آهيو. توهان جديد تقاضائن کي هرگز نه سمجهي سگهندءُ. تنهن ڪري توهان سان مٿو هڻڻ اجايو آهي.“

اِهو چئي شهري رٿابندي جي ماهر خفا ٿيندي منهن ڦيري ڇڏيو.

اِهو ٻڌي پراڻي شهري سوچيو، ته هاڻي شهر ۾ رهڻ بجاءِ جهنگ منهن ڪجي ته بهتر آهي.

❊

# ميگا ڪميشن

هڪ ترقياتي ميگا پراجيڪٽ جي رٿا تي لاڳاپيل وڏي آفيسر، وزيرِ موصوف ۽ صلاحڪار کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو :

”سر، هي ميگا پراجيڪٽ ملڪي معيشيت ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو ۽ توهان يقين ڪيو تہ هي ملڪ جي قسمت بدلائي ڇڏيندو.“

وزير موصوف صلاحڪار کان رازداري واري انداز ۾ آهستگيءَ سان پڇيو:

”ڇا توکي يقين آهي، تہ هي ميگا پراجيڪٽ ڪامياب ويندو؟“

صلاحڪار بہ اوتري ئي رازداري سان جواب ڏنس، ”سر، ميگا پراجيڪٽ ڪامياب وڃي يا نہ، پر ملندي سيني کي ميگا ڪميشن .... وڌيڪ اوهان جي مرضي .... “

”جي اِها ڳالهہ آهي، تہ پوءِ اِها پراجيڪٽ ضرور هلڻ گهرجي.“

وزير پراجيڪٽ جي منظوري ڏيڻ ۾ دير ئي نہ ڪئي.

*

# ڪهاڻيءَ جو هڪ ستايل ڪردار

گلشن حديد جي پهاڙيءَ تي هڪ ڪهاڻيڪار پنهنجي خيالن ۾ گم سُم لڳو ويٺو هيو، ڪنهن ڪهاڻيءَ جو ستايل ڪردار ڪيس ڳولهيندو اچي پهتو. اچڻ سان چيائين:

”ڇا پيا سوچيو؟“

”ڪنهن ڪهاڻي جي ڪردار تي پيو سوچيان!“

”آءٌ به ته ڪنهن ڪهاڻي جو ڪردار آهيان، مون تي ڇو نه ٿا لکو؟“

”تون اڳ ۾ ئي لکيل آهين. ان ڪري لکيل ڪردارن جي قسمت تبديل نه ٿي ڪري سگهجي.“ ڪهاڻيڪار سمجهايس.

”اوهان صحيح آهيو، پر جنهن مون تي لکيو آهي. اُن مون سان وڏي زيادتي ڪئي آهي.“ ڪردار وراڻيو.

”ڪهڙي زيادتي؟“ ڪهاڻيڪار ستايل ڪردار ڪان پڇيو.

”تخليقار مون سان ايڏا مسئلا ڳنڍيا آهن، جو اڄ تائين انهن مسئلن ۾ اُلجهيل آهيان.“

”اِها هر تخليقار جي مرضي آهي، تہ هو پنهنجن ڪردارن سان ڪهڙي بہ جٽ ڪري!“ ڪهاڻيڪار ٻڌايس.

”ڪو مثال ٻڌايو؟“ ڪردار پڇيس.

”آءُ پاڻ مثال آهيان! جنهن مون کي تخليق ڪيو آهي، ان بہ مون سان ائين ئي ڪيو آهي!‘ ڪهاڻيڪار وراڻيس.

ستايل ڪردار اِهو ٻڌي خاموشيءَ سان پنهنجي ڪهاڻي ۾ گم ٿي ويو.

*

# حيثيت

هڪ خود پسند شخص جبل سان دوستي رکي، پاڻ کي ڪوهيار' سڏائڻ لڳو. جڏهن بہ جبل جي چوٽيءَ تي چڙهندو هو، تہ جبل سان پنهنجي دوستيءَ جو دم ڀريندي مٿائنس احسان جتائيندو هو:

”جبل، مون کي شاباس ڏي، جو مان تنهنجي چوٽيءَ تي چڙهي، توسان دوستيءَ جو دم ڀريان ٿو.“

جبل ٻڌي ٻُڌي نيٺ تنگ ٿي پيو تہ هڪ ڏينهن چيائينس :

”ڪوهيار جي تون چاهين تہ مان تنهنجي ان احسان جو بدلو چڪائي ڇڏيان.“

”ڪيئن احسان چڪائيندين؟“ڪوهيار تجسس وچان پڇيس.

جبل وراڻيو، ”جيئن تون منهنجي چوٽي تي چڙهي احسان ڪرين ٿو، تيئن آءُ تنهنجي مٿان چڙهي احسان چڪائي سگهان ٿو.“

اِهو ٻڌي ڪوهيار وراڻيو،

”جبل، تون پنهنجي جاءِ تي بيٺو رهہ، مون کي منهنجي حيثيت جي خبر پئجي وئي.“

# هڪ عام ليکڪ جي جمالياتي حس

نئين سال جي شروعات وارن ڏينهن ۾، هڪ نيم پاڳل ليکڪ اسٽيشنري جي دوڪان تي چڙهيو ۽ دوڪاندار کي چيائين:

”نئين سال جي ڊائري ڏيکار.“ دوڪاندار سندس آڏو ڪيترين ننڍين وڏين ۽ رنگبرنگي ڊائرين جو ڍير لڳائي ڇڏيو.

”اجا ڪي سٺيون هجن ته ڏيکار.“ ليکڪ اڳيان رکيل ڊائرين کي ڏسندي، ناپسند ڪندي چيو.

”آءٌ توکي سڃاڻان، تون هڪ غريب ليکڪ آهين، مون کي سمجهه ۾ نه ٿو اچي ته تون مهانگي ڊائري وٺي ڇا ڪندين؟“دوڪاندار مٿائنس طنز ڪندي چيو:

ليکڪ وراڻيو:

”انساني سماج جي بد ذوقيءَ کي خوبصورت پنن تي لکڻ چاهيان ٿو.“

*

# پؤنرن جي انتظار ۾ : منظور ڪوهيار



پؤنرن جي انتظار ۾ — منظور ڪوهيار — ڪنول پبليڪيشن قنبر

منظور ڪوهيار جون مختصر مختصر ڪهاڻيون، اسلوب جي حوالي سان، ڪلاسيڪل ۽ ماڊرن ادب جو امتزاج آهن. نظرياتي حوالي سان سندس ڪهاڻيون تنقيد ۽ خود تنقيد جو اعليٰ نمونو آهن. موضوعاتي لحاظ سان، سياسي، مذهبي، ۽ سماجي براين کي ڏسي ڪري لکيون ويون آهن.
اِها اميد ڪجي ٿي تہ منظور ڪوهيار هميشہ وانگر دل وڏي ڪري لکندو رهندو. ۽ سنڌي سماج جي احساساتي تاريخ کي پيش ڪندو رهندو.

**بالاچ حسين**
**جرمني (برلن)**

منظور ڪوهيار، سنڌي ادب/ٻوليءَ جي خاموش خدمتگاريءَ ۾ مست مگن، سنڌيءَ ڪهاڻيءَ ڪيتر لاءِ انوکا فارميٽَ، نوان موضوع ۽ اڻ ڇهيا اندازَ پيش ڪرڻ ۾ اڳيان اڳيان رهي ٿي رهي پيو. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ پهريون صوفي ڪهاڻي ڪتاب 'فراق جي منزل' ڏيڻ ڪان وٺي، 'سچ لهڻ ڪان پوءِ بہ ...' ۽ 'سچا ڪوڙا رشتا' ۾ طويل سنڌي ڪهاڻيون، 'فڪر ڦرهي هٿ ۾' ڪالم - ڪهاڻيون ۽ انوکي رنگ ۾ لکيل خاڪن ۽ مضمونن جي ڪتاب 'ڪي ڪي ماڻهو وديا ساگر' تائين منظور ڪوهيار مسلسل نئين رنگ جي ووڙ ۽ جاکوڙ ۾ رهيو آهي. هاڻ ڪهاڻي ۾ جديد رنگ جو عالمي اسٽائيل رکندڙ، مختصر مختصر ڪهاڻيءَ ۾ پورو ڪتاب تخليق ڪرڻ، سنڌي ڪهاڻيءَ لاءِ وڻندڙ تجربي سان گڏ، جديد سنڌي ڪهاڻيءَ پڙهندڙن لاءِ حسين تحفي مثل آهي. منظور ڪوهيار جون ننڍڙيون ننڍڙيون ڪهاڻيون پنهنجي اسلوب ۽ ٻوليءَ ۾ عام فهم بہ آهن تہ موجوده دؤر جي حوالي سان ڳوڙهيون بہ آهن. هن جديد زماني جي نفسيات جي عڪاسي ڪندي، پنهنجي اسٽائيل موجب، ڪٿي طنزيہ رنگ نمايان رکيو آهي تہ ڪٿي سماجي منظرڪشيءَ کي وڏيڪ اهميت ڏني آهي. سندس ڪيئي ڪهاڻيون، عالمي آهنگ رکندڙ آهن، ڇن جو هوند، ڪنهن بہ ڌاريي ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿيئي، تہ اُها، اُن ٻوليءَ جي لُڪا پيئي ڏيندي.

**سعيد سومرو**